# جنّت جي تياري

سنڌي ترجمو


| | |
|---|---|
| [illegible] | 2 |
| [illegible] | 12 |
| [illegible] وارا عمل | 22 |
| اميرِ اهلسنت [illegible] جون برڪتون | 27 |
| [illegible] | 42 |
| [illegible] | 110 |
| [illegible] | |


پيشڪش: مرڪزي مجلس شوريٰ (دعوتِ اسلامي)


مڪتبة المدينه

[illegible] 4125858

Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# جنّت جي تياري

**شيطان لک سستي ڏياري هي تحريري بيان شروع کان آخر تائين پڙهي وٺو ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ جنت جي تياري جو گهڻو شوق پيدا ٿيندو**

## درود شريف جي فضيلت

شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي ضيائي دامت برکاتهم العاليه پنهنجي رسالي "کارا وچون" جي صفحي 1 تي نقل کن ٿا: "**سرکارِ** مدينہ راحت قلب و سينہ صاحبِ معطر پسينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب مان جلدي ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهيا هوندا."

**( فردوس الاخبار ج 2 ص 375 حديث 8210 دار الڪتاب العربي بيروت)**

**صلوا على الحبيب!　　　صلى الله تعالى على محمد**

www.dawateislami.net

**هي بيان نگرانِ شوريٰ حاجي محمد عمران عطاري سلمه الباري 15 رمضان المبارڪ سن 1428 ھ بمطابق 28 سيپٽمبر 2007ع فيضانِ مدينه، سردارآباد (فيصل آباد) جي هفتيوار اجتماع ۾ فرمايو. ضروري ترميم ۽ اضافي سان پيش ڪيو پيو وڃي.**

# ادنيٰ جنتي

حضرتِ سيّدُنا مُغِيره بن شعبہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ مالڪِ جنّت، قاسم نعمت، سراپا جُود و سَخَاوَت، محبوبِ ربُّ الْعِزّت عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ :"حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عليٰ نبينا و عليه الصلوٰة والسلام جڏهن پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کان سڀ کان گهٽ درجي واري جنّتي جي باري ۾ سوال ڪيو تہ ان جي منزل ڪيڏي وڏي هوندي؟ تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو تہ اهو شخص جنّتين جي **جنت** ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ايندو تہ ان کي چيو ويندو تہ " **جنت** ۾ داخل ٿي وڃ" تہ هو عرض ڪندو يا رب عَزَّوَجَلَّ ڪيئن داخل ٿيان؟ جڏهن تہ ماڻهو پنهنجي محلن ۾ هليا ويا ۽ انهن پنهنجون منزلون ماڻيون. تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو تہ ڇا تون هن ڳالهہ تي راضي آهين تہ تو لاءِ دنيا جي بادشاهن جهڙيون نعمتون هجن تہ هو عرض ڪندو،"يا ربعَزَّوَجَلَّ! آءُ راضي آهيان" تہ الله تعاليٰ ان کي فرمائيندو تنهنجي لاءِ اهو ئي آهي ۽ ان جي مثل ۽ ان جي مثل ۽ ان جي مثل،تہ جڏهن ربّعَزَّوَجَلَّ ان جي انعامن ۾ پنجوڻ تي اضافو فرمائيندو تہ هو چوندو يا ربعَزَّوَجَلَّ! آءُ راضي آهيان". تہ الله تعاليٰ فرمائيندو اهو سڀ تو لاءِ آهي ۽ ان کان ڏهوڻ تي وڌيڪ ۽ تو لاءِ تنهنجي نفس جي خواهش مطابق ۽ تنهنجي اکين جي لذت مطابق نعمتون آهن تہ هو عرض ڪندو يا ربعَزَّوَجَلَّ! آءُ راضي آهيان. پوءِ حضرت سيّدُنا موسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جن سڀ کان

www.dawateislami.net

اعليٰ درجي واري جنّتي جي باري ۾ سوال ڪيو تہ الله تعاليٰ فرمايو هي اهي ماڻهو آهن جن کي مون پسند ڪري ورتو ۽ انهن جي عزّت ۽ ڪرامت تي مون پنهنجي دستِ قدرت سان مُهر لڳائي ڇڏي، تہ نہ ان کي ڪنهن اک ڏٺو نہ ڪنهن ڪن ٻُڌو ۽ نہ ئي ڪنهن انسان جي دل تي ان جو خيال گذريو. (مسلم، كتاب الايمان، باب ادنيٰ اهل الجنة منزلة فيها، حديث 189،ص 118)

ہو بہرِ ضیاء نظرِ کرم سُوئے گنہگار

جنت میں پڑوسی مجھے آقا کا بنا دے (مناجاتِ عطاریہ،ازامیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ ص۷)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# جنت جا درجا

www.dawateislami.net

حضرتِ سيّدُنا عُباده بن صَامِت رضی اللہ تعالیٰ عنہ بيان ڪن ٿا تہ سرڪارِ مڪهءِ مڪرمه، سردارِ مدينهءِ منوره صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: "جنّت ۾ 100 درجا آهن ۽ هر ٻن درجن ۾ آسمان ۽ زمين جيترو مفاصلو آهي ۽ فردوس سڀ کان بلند درجو آهي اتان کان **جنت** جا چار درياء وهي رهيا آهن ۽ ان جي مٿان عرش آهي تنهنڪري جڏهن بہ توهان الله عَزَّوَجَلَّ کان سوال (يعني دعا) ڪيو تہ **فردوس** جو سوال ڪيو."

(جامع الترمذي، كتاب صفة الجنة ، باب ماجاء في .....الخ ، الحديث 2539، ج4 ص 238)

میری سرکار کے قدموں میں ہی ان شاءاللہ

میرا فردوس میں عطار ٹھکانہ ہوگا (ارمغانِ مدینہ ازامیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ ص۷۹)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# جنت جي دعا

حضرتِ سيّدُنا انس بن مَالِک رضی اللہ تعالٰی عنہ بيان کن ٿا نبين جي سلطان، سروَرِ ذيشان، ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ :"جنهن ٽي ڀيرا الله عَزَّوَجَلَّ کان جنت جو سوال کيو تہ جنّت دعا کندي آهي يا الله عَزَّوَجَلَّ هن کي جنّت ۾ داخل کري ڇڏ ۽ جنهن شخص ٽي ڀيرا دوزخ کان پناھ گھري تہ دوزخ دعا کندي آهي يا الله عَزَّوَجَلَّ هن کي دوزخ کان پناھ ۾ رک ."

(جامع الترمذي، کتاب صفة الجنة، باب ماجاء في ....الخ ، الحديث 2581، ج4 ص257)

عَفْو کر اور سدا کے لیے راضی ہوجا

www.dawateislami.net

گر کرم کردے تو جنت میں رہوں گا یارب

(مناجاتِ عطاریہ، از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ، ص۷)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# شانِ صديقي رضی اللہ تعالٰی عنہ

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان مروي آهي تہ سرکارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ :"جيکو شخص پنهنجي مال مان ٻہ جوڙا الله تعاليٰ جي راھ ۾ خرچ کري ان کي جنت جي سڀني دروازن مان گھرايو ويندو ۽ جنت جا اٺ دروازا آهن پوءِ جيکو شخص نمازي هوندو ان کي نماز جي دروازي مان گھرايو ويندو جيکو صدقو ڏيڻ وارن

مان هوندو تہ ان کي صدقي جي دروازي مان آواز ڏنو ويندو ۽ جيڪو جهاد وارن مان هوندو ان کي جهاد واري دروازي مان طلب ڪيو ويندو. حضرتِ سيّدُنا ابو بکر صديق رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن عرض ڪيو تہ هر شخص کي ڪنهن نہ ڪنهن دروازي مان گهرايو ويندو تہ ڇا ڪنهن کي انهن سڀني دروازن مان بہ گهرايو ويندو؟ نبي ڪريم، رؤف رحيم، محبوبِ ربّ عظيم عزّوجلّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جن ارشاد فرمايو:"ها" ۽ مون کي اميد آهي تہ اهي توهان رضی اللہ تعالیٰ عنہ هوندؤ.

(مکاشفة القلوب، الباب الثاني والسبعون في صفة الجنة، مراتب اهلها، ص 244)

صدیق وعمر دونوں بھیجیں گے غلاموں کو

جس وقت کُھلے گا دَر مولیٰ تیری جنت کا

www.dawateislami.net

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰ حضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ القوی)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# جنتي حورون

ستاويهين سيپاري سورة رحمٰن جي آيت 58،57،56 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فِيۡهِنَّ قٰصِرٰتُ الطَّرۡفِ لَمۡ يَطۡمِثۡهُنَّ اِنۡسٌ قَبۡلَهُمۡ وَلَا جَآنٌّ ۝ فَبِاَىِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝ كَاَنَّهُنَّ الۡيَاقُوۡتُ وَالۡمَرۡجَانُ ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** پٿرٽين تي اهي عورتون آهن جن مڙس کان سواءِ ٻي کي اک کڻي نهاريو نہ آهي انهن کان اڳي انهن کي نہ ڪنهن انسان هٿ لاتو نہ جنّ پوءِ پنهنجي ربّ جي ڪهڙي ڪهڙي نعمت جو انڪار ڪندؤ،جڻ تہ اهي لعل ۽ ياقوت ۽ مرجان آهن.

حضرت صدر الافاضل مولانا مفتي سيّد محمد نعيم الدين مراد آبادي عليه رحمة الله الهادي "تفسير خزائن العرفان" ۾ ان آيت جي تحت فرمائن ٿا: جنّتي بيبيون، پنهنجي مڙسن کي چونديون، مون کي پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي عزّت ۽ جلال جو قسم! جنّت ۾ مون کي ڪا شيءِ توکان وڌيڪ سٺي معلوم نہ ٿي ٿئي، پوءِ ان خدا عَزَّوَجَلَّ جو حمد، جنهن توکي منهنجو مڙس ڪيو ۽ مون کي تنهنجي بيبي (گهرواري) بنايو.

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## جنت جو حورون ڪهڙيون هونديون؟

صدر الشريعہ، بدر الطريقہ مفتي محمد امجد علي

www.dawateislami.net

اعظمي عليه رحمة الله الغني (المتوفيٰ 1376 ھ) حديثن جي مضمونن کي بيان ڪندي بهارِ شريعت حصي 1 صفحي 79 کان 82 تائين لکن ٿا: "جيڪڏهن حُور پنهنجي هٿ جي تِري زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ڪڍي تہ ان جي حُسن جي ڪري مخلوق فتني ۾ پئجي وڃي ۽ جيڪڏهن پنهنجو رَئو ظاهر ڪري تہ ان جي خوبصورتيءَ جي آڏو سج ائين ٿي وڃي جيئن سج آڏو ڏيئو ۽ جنّتي سڀ هڪ دل هوندا انهن جو پاڻ ۾ ڪو اختلاف ۽ بُغض نہ هوندو ان مان هر هڪ کي حورِعِين مان گهٽ ۾ گهٽ ٻہ بيبيون (يعني گهرواريون) اهڙيون ملنديون جو ستر ستر وڳا ڪين پاتل هوندا پوءِ بہ انهن جي لباسن ۽ گوشت ٻاهران انهن جي پنين جي مِک ڏسڻ ۾ ايندي جيئن اڇي شيشي ۾ شراب لاَل نظر ايندو آهي. ماڻهو پنهنجي

ڇهري کي ان جي ڳل ۾ آئيني کان به صاف ڏسندو. مرد جڏهن ان وٽ ويندو ته ان کي هر ڀيري ڪنواري محسوس ڪندو. پر ان جي ڪري مرد ۽ عورت ڪنهن کي ڪا تڪليف نه ٿيندي. جنّت جي حُور ست سمندن ۾ ٿُڪ اڇلائي ته اهي ماکيءَ کان به وڌيڪ مِٺا ٿي وڃن. جڏهن ڪو ٻانهو جنّت ۾ ويندو ته ان جي سيراندي ۽ پيراندي ۾ به حُورون تمام سُريلي آواز ۾ ڳائينديون پر انهن جو ڪلام شيطاني مزامير (يعني آلاتِ موسيقي) نه بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد ۽ پاڪائي هوندي. اهي اهڙي سُريلي آواز واريون هونديون جو مخلوق اهڙو آواز ڪڏهن نه ٻُڌو هوندو ۽ اهو به ڳائينديون ته اسين هميشه رهڻ واريون آهيون ڪڏهن نه مرنديوسين، اسين چين واريون آهيون ڪڏهن به تڪليف ۾ نه پونديون سين. اسين راضي آهيون ناراض نه ٿينديون سين. مبارڪباد ان جي لاءِ جيڪو اسان جو ۽ اسين ان جون ٿيون. ادنيٰ جنّتي جي لاءِ 80 هزار نوڪر ۽ 72 هزار بيبيون (يعني زالون) هونديون. (بهارِ شريعت، حصه 1 ص 79)

www.dawateislami.net

داخلِ خُلد ہم کو جو فرمائے تُو

ہم ہوں اور حور وغلمان لبِ آبجو

اور جامِ طہور اور مینا سبُو

دیکھیں اعداء تو رہ جائیں پی کر لہو

اللہ اللہ اللہ اللہ

(سامانِ بخشش از شہزادہ اعلیٰ حضرت مصطفیٰ رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن، ص ۱۶)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# حُور جو مهر

حضرتِ سيّدُنا اَزْهَر بن مُغِيث عليه رحمة الله المجيب جيڪي نهايت ئي عبادت گذار هئا فرمائن ٿا ته مون خواب ۾ هڪ اهڙي عورت ڪي ڏٺو جيڪا دنيا جي عورتن وانگر نه هئي، ته مون ان کان پُڇا ڪئي ته توهين ڪير آهيو؟ ته ان جواب ڏنو، ”آءُ جنّت جي حُور آهيان اهو ٻُڌي مون ان کي چيو:“ته مون سان شادي ڪيو ان مون کي چيو: ”منهنجي مالڪ وٽ شاديءَ جو پيغام موڪليو، ۽ منهنجو مَهر ادا ڪريو.”مون پُڇا ڪئي ته توهان جو مَهر ڇا آهي ته ان چيو، “رات جو دير تائين نماز پڙهڻ” (جنت میں لے جانے والے اعمال ص ۱۴۸)

www.dawateislami.net

نارِ جہنم سے تُو اماں دے ‏ ‏ خلدِ بَریں دے باغِ جِناں دے

وَاسطہ نُعمان ِبن ثابت کا ‏ ‏ یا اللہ مِری جھولی بھر دے

(مناجاتِ عطاریہ، از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ، ص ۲۶)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# جنت جون نهرون

**جنت** ۾ چار درياءَ آهن هڪ پاڻي جو، ٻيو کير جو، ٽيون ماکي جو، چوٿون شراب جو، پوءِ ان مان نهرون نڪري ڪري هر هڪ جي گهر ۾ وهي رهيون آهن. اتان جون نهرون زمين کوٽي نه بلڪ زمين جي مٿان جاري آهن نهرن جو هڪ ڪنارو موتي جو ۽ ٻيو ياقوت جو آهي ۽

انهن نهرن جي زمين خالص مُشڪ جي آهي.

(الترغيب والترهيب كتاب صفة الجنة والنار، فصل في انهارالجنة،حديث 35-5734 ج4 ص 315)

الله تعاليٰ ڇويهين سيپاري جي سورهٴ محمد آيت 15 ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

مَثَلُ الۡجَنَّةِ الَّتِیۡ وُعِدَ الۡمُتَّقُوۡنَ ؕ فِیۡهَاۤ اَنۡهٰرٌ مِّنۡ مَّآءٍ غَیۡرِ اٰسِنٍ ۚ وَ اَنۡهٰرٌ مِّنۡ لَّبَنٍ لَّمۡ یَتَغَیَّرۡ طَعۡمُهٗ ۚ وَ اَنۡهٰرٌ مِّنۡ خَمۡرٍ لَّذَّةٍ لِّلشّٰرِبِیۡنَ ۬ۚ وَ اَنۡهٰرٌ مِّنۡ عَسَلٍ مُّصَفًّی ؕ وَ لَهُمۡ فِیۡهَا مِنۡ كُلِّ الثَّمَرٰتِ وَ مَغۡفِرَةٌ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ ؕ كَمَنۡ هُوَ خَالِدٌ فِی النَّارِ وَ سُقُوۡا مَآءً حَمِیۡمًا فَقَطَّعَ اَمۡعَآءَهُمۡ ○

**ترجمو كنزالايمان:** احوال ان جنّت جو جنهن جو پرهيزگارن سان واعدو آهي، ان ۾ اهڙي پاڻيءَ جون نديون آهن جو ڪڏهن بہ خراب نہ ٿين ۽ کير جون اهڙيون نهرون جنهن جو مزو نہ بدليو هجي ۽ اهڙي شراب جون نهرون، جنهن ۾ پيئندڙ جي واسطي لذت آهي ۽ نهرون پاڪ شفاف ماکيءَ جون ۽ انهن جي واسطي ان ۾ هر قسم جا ميوا آهن ۽ پنهنجي ربّ جي مغفرت، ڇا اهڙي آرام وارا انهن جهڙا ٿي ويندا جن کي هميشہ باهہ ۾ رهڻو آهي ۽ جن کي ٽهڪندڙ پاڻي پيئاريو ويندو جيڪو انهن جا آندا ٽڪرا ٽڪرا ڪري رکندو.

www.dawateislami.net

میں اُن کے در کا بھکاری ہوں فضلِ مولیٰ سے
حسن فقیر کا جنت میں بسترا ہوگا

(ذوقِ نعت از حسن رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن، ص ۳۷)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# جنتين جو کاڌو پيتو

جنّتين کي شراب پيئاريو ويندو پر اتان جو شراب دنيا جي شراب وانگر بدبودار کوڙو بي عقل ڪرڻ وارو ۽ آپي کان ٻاهر ڪرڻ وارو ۽ نشي وارو نہ هوندو بلڪ اهو پاڪ شراب انهن سڀ ڳالهين کان پاڪ ۽ مُنزّہ هوندو.

جنّتين کي **جنت** ۾ عمدي کان عمدا کاڌا ملندا جيڪو چاهيندا اهو کاڌو فورًا حاضر ٿي ويندو، جيڪڏهن ڪنهن پکي کي ڏسي ڪري ان جو گوشت کائڻ لاءِ دل چاهيندي تہ اهو انهيءَ وقت پُڳل انهن وٽ اچي ويندو. گهٽ ۾ گهٽ هر شخص جي سيراندي کان ڏھ هزار خادم (يعني نوڪر) بيٺا هوندا. خادمن مان هر هڪ جي هڪ هٿ ۾ چاندي ۽ ٻئي هٿ ۾ سون جا پيالا هوندا، ۽ هر هڪ پيالي ۾ نئين رنگ جي نعمت هوندي، جيترو کاڌو کائيندا ويندا، لذت ۾ گهٽتائي نہ ٿيندي بلڪ واڌارو ٿيندو ويندو. هر گرھ ۾ ستر مزا هوندا، هر مزو ٻي مزي کان ممتاز هوندو، جيڪڏهن پاڻي وغيره جي خواهش ٿيندي تہ ڪوئنرا پاڻ ئي هٿن ۾ اچي ويندا. انهن ۾ صحيح اندازي مطابق پاڻي، کير، شراب ۽ ماکي هوندي. پيئڻ کان پوءِ جتان کان آيا هئا پنهنجو پاڻ اوڏانهن هليا ويندا. اتي نجاست (يعني ناپاڪي) گندگي، پيشاب وغيره، ٿُڪَ، سِنگھہ، ڪن جو ميرُ، بدن جو مير اصلاً (يعني بلڪل) نہ هوندو ۽ اوڳرائي ۽ پگهر مان مُشڪ جي خوشبو نڪرندي.

(بهارِ شريعت حصہ اول ص 82،81)

www.dawateislami.net

پڑوسی خُلد میں اپنا بنالو
کرم یامصطفٰے بہرِ رضا ہو
(از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ،ص۲۶)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# جنتين جو لباس

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان مروي آهي حضور سراپا نور، شاهِ غيّور صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: "جيڪو شخص **جنت** ۾ داخل ٿيندو ان کي نعمت ملندي نہ اهو محتاج ٿيندو نہ ان جا ڪپڙا پُراڻا ٿيندا ۽ نہ ان جي جواني ختم ٿيندي، **جنت** ۾ اهو ڪجهہ آهي، جنهن کي ڪنهن اک نہ ڏٺو نہ ڪنهن ڪن ٻُڌو ۽ نہ ئي ڪنهن جي دل تي ان جو خيال گذريو."

(الترغيب والترهيب كتاب صفة الجنة، فصل في تبابهم..الخ، الحديث 79، ج4 ص 294)

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا تہ الله عزوجل جي حبيب، حبيبِ لبيب، اسان گناهن جي مريضن جي طبيب صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: "سڀ کان پهريون گروهہ (يعني ٽولو) جيڪو **جنت** ۾ ويندو ان جون شڪلون چوڏهين رات جي چنڊ وانگر هونديون اهي اتي نہ ٿوڪيندا نہ نڪ صاف ڪندا ۽ نہ ئي قضاءِ حاجت جي لاءِ ويهندا. انهن جا ٿانوَ ۽ ڦڻيون سون ۽ چانديءَ جون هونديون. انهن جو پگهر ڪستوريءَ جو هوندو. انهن مان هر هڪ لاءِ ٻہ ٻيبيون هونديون ۽ اهي ايتريون تہ سهڻيون هونديون جو انهن جي

www.dawateislami.net

پنين جو گوشت مٽان کان نظر ايندو هوندو، انهن جي وچ ۾ نہ اختلاف ٿيندو ۽ نہ ئي بُغض. انهن جون دليون هڪ دل جيان هونديون، اهي صبح ۽ شام الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح بيان ڪندا.”

(صحيح مسلم، ڪتاب الجنة و الصفة، باب في صفات الجنة...الخ، الحديث 2834، ص 1520)

وہی سَب کے مالک اِنہیں کا ہے سَب کچھ
نہ عاصی کسی کے نہ جنت کسی کی

(ذوقِ نعت از حسن رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## جنت جو بازار ۽ ديدارِ رب غفار عَزَّوَجَلَّ

www.dawateislami.net

جنّتين جا لباس نہ پُراڻا ٿيندا نہ انهن جي جواني فنا ٿيندي. **جنت** ۾ ننڊ ناهي ڇوتہ ننڊ هڪ قسم جو موت آهي ۽ **جنت** ۾ موت ناهي. جنّتي جڏهن جنّت ۾ ويندا هر هڪ پنهنجي عملن جي مقدار مطابق مرتبو ماڻيندو ۽ ان جي فضل جي ڪا حد ناهي. پوءِ انهن کي دنيا جي هڪ هفتي جي مقدار کان پوءِ اجازت ڏني ويندي جو پنهنجي پالڻهار عَزَّوَجَلَّ جي زيارت ڪن، عرشِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ظاهر ٿيندو ۽ ربّ عَزَّوَجَلَّ جنّت جي باغن مان هڪ باغ ۾ تجلي فرمائيندو ۽ انهن جنّتين جي لاءِ منبر وڇايا ويندا، نُور جا منبر، موتي جا منبر، ياقوت جا منبر، زمرد جا منبر، سون جا منبر، چاندي جا منبر ۽ انهن مان ادنيٰ مُشڪ ۽ ڪافور جي ٽِڪن تي ويهندا ۽ انهن ۾ ادنيٰ ڪير بہ ناهي، پنهنجي گمان ۾

الله عَزَّوَجَلَّ جو ديدار ايڏو صاف ٿيندو جهڙي طرح سج ۽ چوڏهين رات جي چنڊ کي هر هڪ پنهنجي جڳهه تان ڏسي ٿو جو هڪ جو ڏسڻ ٻئي جي لاءِ مانع (يعني رڪاوٽ) نه آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ هر هڪ تي تجلّي فرمائيندو انهن مان ڪنهن کي فرمائيندو اي فلاڻا پٽ فلاڻي جا! تو کي ياد آهي، جنهن ڏينهن تو ائين ائين ڪيو هو...؟ دنيا جا ڪجهه گناهه ياد ڏياريندو، ٻانهو عرض ڪندو يا رب عَزَّوَجَلَّ! ڇا تو مون کي بخشي نه ڇڏيو! فرمائيندو ها! منهنجي مغفرت جي وُسعت جي ڪري تون هن مرتبي تائين پهتو آهين، اهو سڀ انهيءَ حالت ۾ هوندا جو ڪڪر ڇائنجي ويندا ۽ انهن تي خوشبوءِ وسائيندا جو ان جهڙي خوشبو انهن ماڻهن ڪڏهن به نه ڏٺي هئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو ته وڃو ان طرف جو مون توهان لاءِ عزّت تيار ڪئي آهي، جيڪو وٺيوَ سو کڻو، پوءِ ماڻهو هڪ بازار ۾ ويندا جنهن کي ملائڪ گهيريل هوندا. ان ۾ اهي شيون هونديون جو انهن جي مثل نه اکين ڏٺو نه ڪنن ٻُڌو ۽ نه ئي دلين تي ان جو خطرو گذريو. انهن مان جيڪي شيءِ چاهيندا سا ساڻ ڪئي ويندي ۽ خريد و فروخت نه ٿيندي جنّتي ان بازار ۾ هڪٻئي سان ملندا. ننڍي مرتبي وارو وڏي مرتبي واري کي ڏسندو. ان جو لباس پسند ڪندو، اڃان گفتگو ختم به نه ٿيندي ته اهو خيال ڪندو ته منهنجو لباس ان جي لباس کان بهتر آهي ۽ اهو ان ڪري آهي جو **جنت** ۾ ڪنهن لاءِ به غم ناهي. پوءِ اتان کان پنهنجن پنهنجن

www.dawateislami.net

گهرن ڏانهن واپس ايندا. انهن جون بيبيون (يعني گهرواريون) استقبال ڪنديون، مبارڪباد ڏئي چونديون ته اوهان واپس ٿيا ۽ اوهان جو جمال (يعني حُسن) ان ڪان وڌيڪ آهي جڏهن توهان اسان ڪان ويا هئا. جواب ڏيندا ته پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي سامهون اسان کي ويهڻ نصيب ٿيو ته انهيءَ لاءِ اسان جو ائين ٿيڻ لازمي هو. جنّتي پاڻ ۾ ملڻ چاهيندا ته هڪ جو تخت ٻي وٽ هليو ويندو ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته انهن وٽ نهايت اعليٰ درجي جون سواريون ۽ گهوڙا آندا ويندا ۽ انهن تي سوار ٿي ڪري جتي چاهيندا، ويندا. سڀ ڪان گهٽ درجي وارو جيڪو جنّتي آهي، ان جا باغات، بيبيون ۽ نعيم و خدام(نعمتون ۽ خدمتگار) ۽ تخت 1000 سالن جي مسافت تائين هوندا ۽ انهن مان الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو سڀ ڪان معزز اهو آهي جيڪو الله تعاليٰ جي وجهه ڪريم جي ديدار سان هر صبح ۽ شام مشرف ٿيندو. جڏهن جنّتي جنّت ۾ ويندا ته الله تعاليٰ انهن کي فرمائيندو اجان، ڪجهه ڪپي ته توهان کي ڏيان. عرض ڪندا تو اسان جا چهرا روشن ڪيا، جنت ۾ داخل ڪيو، جهنّم ڪان ڇوٽڪارو ڏنو، انهيءَ وقت پردو جيڪو مخلوق تي هيو،لهي ويندو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي ديدار ڪان وڌيڪ ڪابه شيءِ انهن کي نه ملي هوندي.

(بهارِ شريعت تخريج شده مكتبة المدينه ص 82 ڪان 86)

جنت میں آقا کا پڑوسی　　بہرِ رضا و قطبِ مدینہ
بن جائے عطار الٰہی　　یااللہ میری جھولی بھردے

(مناجاتِ عطاریہ، ازامیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هاڻي ڪجھ جنّت وارن جي باري ۾غور ڪريو ۽ انھن جي چھرن تي اللهعَزَّوَجَلَّ جي عطا جي تازگي ھوندي،مھر ڪيل شرابِ طھور جا جام انھن جي ھٿن ۾ ھوندا ۽ اھي ڳاڙھن ياقوتن جي منبرن تي ويھندا جن جي مٿان اڇا براق موتين جا چانوَ ڪيل ھوندا، ھيٺ بي مثال ساوا ريشم جا گلم وڇايل ھوندا،اھي ماڪي ۽ شراب جي نھرن جي ڪنارن تي نھيل تختن تي ٽيڪ لڳائي ويٺا ھوندا، جن کي غلمان ۽ جنّتي ٻار ۽ انتھائي حسين ۽ جميل بھشتي حورون، جيڪي موتي ۽ مرجان جيان ھونديون (جن کي ان کان اڳ ۾ ڪنھن انسان ۽ جنّ ھٿ نہ لڳايو ھوندو) اھي سڀ انھن کي گھيريل ھوندا، جيڪي حورون جنّت جي درجن ۾ ناز نخري سان ھلي رھيون ھونديون. جڏھن انھن مان ڪا ھڪ ھلڻ لاءِ مائل ھوندي تہ ستر ھزار جنّتي ٻار انھن جا لباس کڻندا، انھن تي سفيد ريشم جو لباس ھوندو جن کي ڏسي ماڻھو حيران رھجي ويندا.موتي ۽ مرجان سان سينگاريل تاج انھن کي پاتل ھوندا، اھي انتھائي ناز نخري وارين خوبصورت ادائن ۽ سرھاڻ پکيڙيندڙ ھونديون ۽ پوڙھائپ ۽ ڏک کان بي نياز ھونديون،اھي ياقوت مان تيار ڪيل محلن ۾ ھونديون، ۽ جنّت جي باغن جي وچ ۾ اڪيون ھيٺ ڪري آرام فرمائينديون، پوءِ انھن جنّتين ۽ حورن لاءِ ڪوئنرا ۽ شرابِ طھورا جا پيالا کڻي غلمان ڦرندا جن ۾ انتھائي اڇو ذائقيدار مشروب ھوندو. انھن جي چوڌاري جنّتي خادم ۽

www.dawateislami.net

خوبصورت ڇوڪرا،موتين جيان ڦري رهيا هوندا،اها انهن جي نيڪ عملن جي جزا هوندي، اهي امن واري جاءِ ۾ چشمن، باغن ۽ نهرن جي وچ ۾ ربّ قدير جي ويجهو سچي جاءِ ۾ هوندا. اهي انهن ۾ ويهي ڪري ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جو ديدار ڪندا، انهن جي چهرن تي الله جي نعمتن جي تازگيءَ جا آثار واضح هوندا، انهن جا چهرا ذلت ۽ خواري ڪان خراب نہ ٿيندا بلڪ اهي الله عَزَّوَجَلَّ جا معزز ٻانها هوندا. ربّ ڪريم جي طرفان انهن کي تحفا عطا ٿيندا، اهي پسنديده جاءِ ۾هميشہ رهڻ وارا هوندا نہ ان ۾ انهن کي ڪو خوف ٿيندو نہ غم، اهي موت جي تڪليف ڪان بي خوف هوندا، اهي جنّت ۾ نعمتون ماڻيندا، جنّت جا مزيدار کاڌا کائيندا، کير، شرابِ طهور، ماکي ۽ صاف پاڻي جي اهڙن نهرن سان پنهنجي اڃ لاهيندا جن جي زمين چاندي جي، پٿريون موتين جون، ۽ مٽي مُشڪ جي هوندي، جنهن مان تيز خوشبوءِ ايندي اتان جي ساوڪ زعفران جي هوندي. اهي ڪافور جي ٽِڪن تي ويهندا، ۽ انهن تي گلن جي عطر جي برسات ٿيندي ۽ انهن جي خدمت ۾ چانديءَ جا پيالا جن تي موتي جڙيل هوندا ۽ جيڪي ياقوت ۽ مرجان سان سينگاريل هوندا، آندا ويندا، ڪنهن پيالي ۾ لسبيل جي ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ جو مليل شراب هوندو ۽ اهڙو پيالو جنهن جي صفائي جي ڪري ان ۾ موجود شرابِ طهور جو رنگ ۽ روپ ٻاهر ڪان نظر اچي رهيو هوندو جو اَنسان ان جهڙو ٿانءُ ناهڻ جو تصور ئي نہ ٿو ڪري سگهي، اهو پيالو اهڙي خادم جي هٿ ۾ هوندو جو ماڻهو

www.dawateislami.net

ان جي چهري جي چمڪ کي ياد ڪندو پر سچ ۾ ان جي من موهيندڙ صورت، حسين چهرو ۽ بينظير اکيون ڪٿي؟

انهيءَ ماڻهوءَ تي تعجب آهي جيڪو ان گهر تي ايمان رکندو آهي ان جي تعريف کي سچو ڄاڻي ٿو ۽ ان جي ڳالهين تي ڪامل يقين رکي ٿو ته ان ۾ رهڻ وارا ڪڏهن به موت سان همڪنار نه ٿيندا، جيڪو ان ۾ اچي ويندو ان کي رنج ۽ غم نه ستائيندا،ان ۾ رهڻ وارن تي ڪڏهن به تبديلي نه ايندي ۽ اهي هميشه امن ۽ سُڪون سان رهندا، اهو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ جي باوجود اهي اهڙي گهر سان دل لڳائي ٿو جيڪو آخرڪار اجڙڻ (يعني برباد ٿيڻ) وارو آهي، جنهن جو عيش برباد ٿيندڙ آهي، خدا جو قسم! جيڪڏهن جنّت ۾ رُڳو موت کان بي خوفي هجي ها، انسان بُک، اڄ ۽ سيني حادثن کان بي خوف ٿي رهي سگهي ٿو ۽ ٻيا انعام نه هجن ها تڏهن به جنّت ان لائق هئي جو ان جي لاءِ دنيا ڇڏي ڏي ۽ ان تي اهڙي شيءِ کي ترجيح نه ڏني وڃي ها جيڪا لٽجي وڃڻ واري ۽ منجهي وڃڻ واري آهي، جيئن ته جنّت ۾ رهڻ وارا بي خوف بادشاهن جيان هوندا، رنگا رنگي مسرتن، راحتن ۾ هوندا، هر خواهش کي حاصل ڪرڻ وارا، هر ڏينهن عرشِ اعظم جي قرب ۾ وڃڻ وارا هوندا، ربّ ذوالجلال جو ديدار ڪرڻ وارا هوندا، الله تعاليٰ کي اهڙي بيمثال نظرن سان ڏسڻ وارا هوندا جو جنهن نظر سان اهي جنّت جي نعمتن کي نه ڏسندا هئا، اهي انهن نعمتن کان ڦِرڻ وارا نه هوندا، هميشه انهن نعمتن ۾ رهندا ۽ انهن نعمتن

www.dawateislami.net

جي زوال کان محفوظ هوندا. (مکاشفة القلوب، ص 243 کان 244)

کردے جنت میں تُو جوار اُن کا

اپنے عطار کو عطا یا رب (مناجاتِ عطاریہ،از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ،ص۲۶)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# آهہ! ڪير غور ڪري!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪيڏي حيرت مٿان حيرت آهي جو جيڪڏهن اسان جو ڪو پاڙي وارو يا عزيز عاليشان گهر تيار ڪري وٺي يا ڪار خريد ڪري يا ڪنهن بہ طرح سان پنهنجي دنياوي آسائش جو معيار بلند ڪري تہ اسان فورًا ان کان اڳيان وڌڻ جي جستجو ۾ مشغول ٿي ويندا آهيون، هڪ ڊُن لڳي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ حسد جي ڪري زندگي پريشان ٿي ويندي آهي. پر هاءِ افسوس! جو اسين متقي ۽ پرهيزگار ٻانهن کي ڏسي اها تمنا چو نہ ٿا ڪيون تہ جهڙي طرح اهي اسلامي ڀائر **جنت** جي درجن جي بلندي ڏانهن وڌي رهيا آهن. آءُ بہ اهڙيءَ طرح ڪوشش ڪيان، آءُ بہ باجماعت نماز جو پابند بڻجان، تلاوت ڪيان، سنّتن جو پيڪر بڻجان. مدني انعامات ۽ مدني قافلن جو پابند بڻجان، دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ اول کان آخر شرڪت ڪيان ۽ ٻين مدني ڪمن ۾ شرڪت جو بَرَڪتون حاصل ڪيان وغيره.

مت لگا دِل یہاں پچھتائے گا

کس طرح جنت میں بھائی جائے گا

(مغیلانِ مدینہ، از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ، ص۱۷۲)

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جهڙي طرح ظاهري عبادتن ۽ حُسن اخلاق جي اعتبار کان ماڻهن کي مختلف درجن ۾ منقسم يعني تقسيم ڪيو ويندو آهي اهڙيءَ طرح اجر ۽ ثواب جي درجن ۾ بہ تقسيم آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسين سڀ کان اعليٰ درجو حاصل ڪرڻ جي تمنا رکون ٿا تہ ان جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪرڻي پوندي. جيئن تہ قرآن ۾ سورة آل عمران جي آيت 133 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

وَسَارِعُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ ۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ O

**ترجمو ڪنزالايمان:** ڏُڪ ڀريو پنهنجي پالڻهار جي بخشش ۽ انهيءَ بهشت ڏانهن جنهن جي ويڪر ۾ سڀ آسمان ۽ زمين اچي وڃن. جيڪو پرهيزگارن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي

www.dawateislami.net

"**تفسير خزائن العرفان**" ۾ خليفہ اعليٰ حضرت، مُفسرِ قرآن حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد نعيم الدّين مراد آبادي عليه رحمة الله الهادي فرمائن ٿا: ڏُڪ مان مُراد توبہ، فرضن جي ادائگي ۽ طاعت ۽ اخلاص وارا عمل اختيار ڪري (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ پنهنجي گناهن جي توبہ ڪندي، فرضن مثال طور نماز ۽ روزا وغيره ۽ شرعي احڪام تي اخلاص سان عمل جي ذريعي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بخشش ۽ جنّت ڏانهن ڏُڪ ڀري جو اهي رستا جنّت جي طرف وٺي ويندا آهن.)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جنت** هڪ گهر آهي جيڪو الله تعاليٰ ايمان وارن جي لاءِ ناهيو آهي. ان ۾ اهي نعمتون مهيا

ڪيون آهن جن کي نہ اکين ڏٺو نہ ڪنن ٻُڌو ۽ نہ ئي ڪنهن ماڻهوءَ جي دل تي ان جو خطرو گذريو. دنيا جي اعليٰ کان اعليٰ شيءِ کي **جنت** جي ڪنهن شيءِ سان پيٽ ناهي. جنّت ايماندار، نيڪ عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ آهي. پنجين سيپاري، سورهءِ النساء جي آيت 124 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَمَنۡ يَّعۡمَلۡ مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنۡ ذَكَرٍ اَوۡ اُنۡثٰى وَهُوَ مُؤۡمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدۡخُلُوۡنَ الۡجَنَّةَ وَلَا يُظۡلَمُوۡنَ نَقِيۡرًا ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪو چڱا ڪم ڪندو، مرد هجي يا عورت پر هجي مسلمان تہ انهن کي جنّت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ انهن کي تِر برابر بہ نقصان نہ ڏنو ويندو.

www.dawateislami.net

## جنت وارا ئي ڪامياب آهن

اناويهين سيپاري، سُوۡرَةُ الۡحَشۡر جي آيت 20 ۾ ارشاد ٿئي ٿو،

لَا يَسۡتَوِىۡۤ اَصۡحٰبُ النَّارِ وَاَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ ؕ اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ هُمُ الۡفَآئِزُوۡنَ ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** دوزخ وارا ۽ جنّت وارا برابر نہ آهن، جنّت وارا ئي مُراد کي پُهتا.

## جنت قلبِ سليم وارن جي لاءِ آهي

اٺويهين سيپاري سُوۡرَةُ الشُّعَرَآءِ جي آيت 88،89،90 ۾ ارشاد ٿئي ٿو،

يَوۡمَ لَا يَنۡفَعُ مَالٌ وَّلَا بَنُوۡنَ ۙo
اِلَّا مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ o
وَ اُزۡلِفَتِ الۡجَنَّةُ لِلۡمُتَّقِيۡنَ o

**ترجمو كنزالايمان:** جنهن ڏينهن نہ مال ڪم ايندو ۽ نہ پُٽَ. پر جيڪو الله جي حضور حاضر ٿيو سلامت رهيل دل ڪٽي ۽ ويجهي ڪئي ويندي جنّت پرهيزگارن لاءِ.

# موتين جو محل

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ رسول اڪرم، تاجدارِ حرم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جن جي بارگاھ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي هن فرمان جي باري ۾ سوال ڪيو ويو، 28 سيپارو، سُوۡرَةُ الصَّفّ آيت 12

www.dawateislami.net

وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِىۡ جَنّٰتِ عَدۡنٍ ؕ

**ترجمو كنزالايمان:** ۽ پاڪ خوشگوار محلن ۾ جيڪي رهائشي باغن ۾ آهن.

تہ ارشاد فرمايائون" **جنت** ۾ موتين جو هڪ محل آهي، جنهن ۾ ڳاڙهي ياقوت سان نهيل 70 گهر آهن، هر گهر ۾ سبز زمرد يعني قيمتي سبز پٿر جا 70 ڪمرا آهن، هر ڪمري ۾ 70 تخت آهن، هر تخت تي هر رنگ جا 70 بسترا آهن، هر بستري تي هڪ عورت آهي، هر ڪمري ۾ 70 دسترخوان آهن، هر دسترخوان تي مختلف قسمن جا 70 طعام آهن، هر ڪمري ۾ 70 نوڪر ۽ نوڪرياڻيون آهن. مؤمن کي ايڏي قوت عطا ڪئي ويندي جو اهو هڪ ڏينهن ۾ انهن سيني سان جِمَاع ڪري سگهندو. (الترغيب والترهيب، ڪتاب صفة الجنة، باب الترغيب في الجنة....الخ حديث 41، ج 4 ص 285)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اندازو لڳايو تہ انھن موتين جي مقدس جنّتي محل ۾ سبز زمرد جا ڪيترا ڪمرا، تخت، خُدّام، دسترخوان، بِسترا، جنّتي عورتون، ۽ ڪيترن ئي قسمن جا ڪاڏا ھوندا. **فسبحان من لا يحصي فضله ولا ينفذ عطاوه** يعني پاڪائي آھي ان ذات کي جنھنجي فضل جي انتھا ناھي ۽ جنھن جي عطا ۾ گھٽتائي ناھي.

گدا بھی منتظر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا
خُدا دن خیر سے لائے سخی کے گھر ضیافت کا

(حدائقِ بخشش، از امامِ اہلسنت عَلَیْہِ رَحْمَۃُ رَبِّ الْعِزَّت)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو! مان توھان جي خدمت ۾ ڪجھ ٻين **جنت** ۾ وٺي وڃڻ وارن عملن جو ذڪرِ خير ڪيان ٿو. انھن کي ڏسو ۽ انھن جي بجا آوري ڪري **جنت** جي تياري ڪريو.

## جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل

## خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ

ستاويھين سيپاري سورة الرحمٰن جي آيت 46 ۾ خداءِ رحمٰن

---

ان عنوان تي 2000 مستند حديثن جو مجموعو"**جنت میں لے جانے والے اعمال**" نالي ڪتاب مڪتبة المدينه مان ھديو ڏئي حاصل فرمايو، جنھن کي المدينة العلميہ (دعوتِ اسلامي) پيش ڪيو آھي.

عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي.

وَلِمَنۡ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِۙ

**ترجمو كنزالايمان:** ۽ جيكو پنهنجي ربّ جي بارگاهہ ۾ بيهڻ كان ڊڄي ان جي واسطي ٻہ جنّتون آهن.

هن آيت جو تفسير بيان كندي صدر الافاضل حضرت علامہ مولانا سيّد مفتي نعيم الدّين مُراد آبادي عليه رحمة الله الهادي "**تفسير خزائن العرفان**" ۾ لكن ٿا: يعني جنهن كي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي حضور ۾ قيامت جي ڏينهن موقف ۾ حساب جي لاءِ بيهڻ جو خوف هجي ۽ اهو نافرماني ڇڏي ۽ فرض ادا كري، ان جي لاءِ ٻہ جنّت آهن. (1) جنّتِ عدن (2) جنّتِ نعيم ۽ اهو ٻہ چيو ويو آهي تہ هك **جنت** ربّ عَزَّوَجَلَّ كان ڊڄڻ جو صِلو ۽ ٻي جنّت شهوتن ڇڏڻ جو صِلو.

www.dawateislami.net

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

## عشقِ رسول صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم

سورة النساء ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَمَنۡ يُّطِعِ اللّٰهَ وَالرَّسُوۡلَ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيۡقِيۡنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصّٰلِحِيۡنَ ۚ وَحَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيۡقًاؕ

(پ ٥ سُوۡرَةُ النِّسَآءِ آيت ٦٩)

**ترجمو كنزالايمان:** ۽ جيكي الله ۽ سندس رسول جو حكم مڃين تہ انهن كي انهن جو ساٿ نصيب ٿيندو جن تي الله فضل كيو يعني نبي ۽ صديق ۽ شهيد ۽ چڱا ماڻهو اهي كهڙا نہ چڱا ساٿي آهن.

صدر الافاضل حضرت مولانا سيّد محمد نعيم الدّين مُراد آبادي عليه رحمة الهادي (المتوفيٰ 1367 هـ) هن آيت جو شانِ نُزول بيان كندي لكن ٿا:

حضرتِ سيّدُنا ثوبان رضي الله تعاليٰ عنه سيّد عالم صلي الله تعاليٰ عليه واله وسلم سان بي انتها محبت كندا هئا، جُدائي جو كين تاب نہ هو. هڪ ڏينهن ايتريقدر غمگين ۽ ڏكويل ٿي حاضر ٿيا، ايتري تائين جو چهري جو رنگ تبديل ٿي وَيُنِ. پاڻ سڳورن صلي الله تعاليٰ عليه واله وسلم جن فرمايو تہ اڄ ڇا جي كري (اوهان جو) رنگ بدليل آهي عرض كيائين نہ مون كي كا بيماري آهي، نہ سور، سواءِ ان جي تہ جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليه واله وسلم جن سامهون نہ هجن تہ انتها درجي جي وحشت ۽ پريشاني ٿي وڃي ٿي. جڏهن آخرت كي ياد كريان ٿو تہ اهو انديشو ٿئي ٿو تہ اتي مان كيئن ديدار كري سگهندس.توهان تمام مٿانهين مقام تي هوندا. مون كي الله تعاليٰ پنهنجي كرم سان جنّت بہ ڏني تہ ان اعليٰ مرتبي تائين پهچ كٿي؟! ان تي اها آيت سڳوري نازل ٿي ۽ انهن كي تسكين ڏني وئي تہ باوجود منزلن جي فرق جي فرمانبردارن كي كاميابيءَ ۾ گڏ هجڻ جي نعمت سان سرفراز فرمايو ويندو.

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

حضرتِ سيّدُنا انس رضي الله تعاليٰ عنه فرمائن ٿا، مالكِ خلد و كوثر، شاهِ بحر و بر صلي الله تعاليٰ عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو: **من احبني كان معي في الجنت** يعني مون سان محبت كرڻ وارو

جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.” (الشفاء ج2 ص 20)

پڑوسی خُلد میں عطّار کو اپنا بنالیجے

جہاں ہیں اتنے احساں اوراحساں یارسول اللہ

(امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ، ص۳۰)

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

شِفاء شريف، جلد 2 ص 24 تي آهي، جيڪو شخص جنهن سان محبت رکندو آهي اهو انهيءَ جي موافقت يعني مطابقت ڪندو آهي نه ته اهو ان جي محبت ۾ صادق يعني سچو ناهي.تنهن ڪري پياري آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي محبت ۾ اهو سچو آهي جنهن تي ان جون نشانيون ظاهر ٿين. ان جي پهرين نشاني قرآن پاڪ سڳورن صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن جي پيروي بيان ڪئي. جيئن ته ٽين سيپاري سورهءِ آل عمران آيت 31 ۾ ارشاد ٿئي ٿو،

قُلۡ اِنۡ کُنۡتُمۡ تُحِبُّوۡنَ اللّٰہَ فَاتَّبِعُوۡنِیۡ یُحۡبِبۡکُمُ اللّٰہُ وَیَغۡفِرۡلَکُمۡ ذُنُوۡبَکُمۡ ؕ وَاللّٰہُ غَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي محبوب تون فرماءِ ته اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله کي دوست رکو ٿا ته منهنجا فرمانبردار ٿي وڃو الله توهان کي دوست رکندو ۽ توهان جا گناهه بخشي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

اُسی احمد رضا کا واسطہ جو میرے مُرشِد ہیں

عطا کردو ہمیں اپنی محبت یارسول اللہ

(ارمغان مدینہ از امیرِ اہلسنّت دامت برکاتہم العالیہ، ص۵۴)

www.dawateislami.net

# صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي محبت

حضرتِ سيّدُنا حذيفہ رضي الله تعالیٰ عنه کان مروي آهي انهن فرمايو رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صلی الله تعالیٰ عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو تہ مون کان پوءِ حضرت ابو بڪر ۽ عمر رضي الله تعالیٰ عنهما جي پيروي ڪريو ۽ وڏيڪ روايت ۾ آهي تہ منهنجا صحابہ رضي الله تعاليٰ عنهم ستارن جي مِثل آهن. انهن مان جنهن جي پيروي ڪندؤ توهان ڪامياب ٿي ويندؤ.

سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي تاجدار، محبوبِ ربّ غفّار عزوجل و صلی الله تعالیٰ عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو تہ جنهن منهنجي صحابہ رضي الله تعاليٰ عنهم جي باري ۾ منهنجي نصيحت جي حفاظت ڪئي تہ مان قيامت جي ڏينهن ان جو محافظ هوندس ۽ فرمايائون اهو مون وٽ حوضِ ڪوثر تي ايندو.

(شفاء شريف، ج2 ص 55)

صديق و عمر دونوں بھیجیں گے غلاموں کو
جس وقت کھلے گا دَر مولیٰ تیری جنت کا (قبالۂ بخشش از خلیفہ اعلیٰ حضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ القوی)

صلوا علی الحبيب! صلی الله تعالی علی محمد

# علم دين

حضرتِ سيُّدنا اَبُو اُمامہ رضي الله تعالیٰ عنه فرمائن ٿا تہ نُور جي پيڪر، سڀني نبين جي سروَر، ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بحر و بَر صلی الله تعالیٰ عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو تہ "قيامت جي ڏينهن عالِم ۽ عِبادت گذار کي اٿاريو ويندو، عابد کي چيو ويندو تہ **جنت** ۾ داخل ٿي وڃ جڏهن تہ عالِم کي چيو ويندو

www.dawateislami.net

تہ جيستائين ماڻھن جي شفاعت نہ ڪرين تيستائين بيھي رھہ. (الترغيب و الترھيب، ڪتاب العلم ، حديث 34، ج 1 ص 57)

گُل نارِ جہنم سے حسن امن و اماں ہو
اس مالکِ فردوس پہ صدوے ہوں جو ہم آج (ذوقِ نعت از حسن رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتھم العاليه علماء جي فضائل جي پيشِ نظر اُنھن جي خدمت جي ترغيب ڏياريندي مدني انعام نمبر 62 ۾ فرمائن ٿا: ڇا توھان ھن مھيني ڪنھن سنّي عالِم (يا مسجد جي امام، مؤذن، خادم) کي 112 رپيا يا گھٽ ۾ گھٽ 12 رپيا تحفي طور پيش ڪيا؟ (نابالغ پنھنجي ذاتي رقم مان نہ ٿو ڏئي سگھي)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

## اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جون برڪتون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اميرِ اهلسنّت، پيڪرِ علمِ ۽ حڪمت،عالِمِ شريعت،شيخ طريقت، آفتابِ قادريت، ماھتابِ رضويت، صاحبِ خوف ۽ خشيت، عاشقِ اعليٰ حضرت، اميرِ ملت، مصنفِ فيضانِ سنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت برڪاتھم العاليه جي بَرَڪتن کان ڪير واقف ناھي، نہ ڄاڻ ڪيترن جي زندگين ۾ سندن بَرَڪت سان مدني انقلاب برپا ٿيو. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ ناپائدار دنيا جي محبت واري مستيءَ ۾ سرشار، آخرت جي فڪر ۾ بي قرار ٿي ويا. ھر وقت مال ۽ دولت جي وڌائڻ لاءِ سھڻا سپنا ڏسڻ وارا بارگاھِ

رب العزت جل جلاله مان عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لازوال دولت جون دعائون گهرڻ لڳا. نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي زڪوٰة ۽ عشر جي ادائگي ۾ بُخل ۽ ڪنجوسي ڪرڻ وارا، خوشيءَ سان زڪوٰة ۽ عُشر ادا ڪرڻ ۽ غريبن، مسڪينن، رشتيدارن ڪي نوازڻ سان گڏوگڏ پنهنجو مال مسجدن، جامعات و مدارس جي تعمير ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ دل کولي راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ خرچ ڪرڻ لڳا. لندن ۽ پيرس وڃڻ جا آرزومند، مڪي ۽ مديني جي زيارت جي حسرت ۾ تڙپڻ لڳا. بي ڌڙڪ هر وقت ٺهڪ لڳائڻ وارا، خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ و عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳا، رُڳو دنياوي تعليم جي وڏين وڏين ڊگرين جي لاءِ بيقرار ۽ بي چين، ذاتي مطالعي ۽ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر، سنّتن ڀريي اجتماعن ۾ شرڪت ۽ دعوتِ اسلامي جي جامعات المدينہ جي ذريعي اخروي ۽ ديني علوم جا طلبگار بڻجڻ لڳا. ناول، ڊائجسٽ ۽ اخلاق کي بگاڙڻ واريون ابتيون سبتيون روماني ڪهاڻيون ۽ افسانا پڙهڻ وارا"**فيضان سنّت**"، "**رسائلِ عطاريہ**"، "**بهارِ شريعت**"، "**فتاويٰ رضويہ**" ۽ "**ڪنزالايمان**" ترجمي ۽ تفسير ساڻ تلاوت ڪرڻ لڳا. هر وقت گانا جهونگارڻ وارا نعتِ مصطفيٰ سان چَپَ چورڻ لڳا. دنياوي مفادن ۽ گندي ذهنيت سان دوستيون ڪرڻ وارا، سنين سنين نيّتن سان هر هڪ تي نيڪيءَ جي خاطر انفرادي ڪوشش ڪرڻ لڳا. ڳالهہ ڳالهہ تي جهيڙا ڪرڻ، رت وهائڻ ۽

www.dawateislami.net

رشتيدارين سان ڪٽڻ وارا، اڳوات مُعاف ڪرڻ ۽ صلح ۾ اڳڀرائي ڪرڻ لڳا. نامحرم اجنبي، عورتن سان کل مذاق ۽ بي تڪلفي ڪرڻ وارا، شرعي پردي جي سعادت حاصل ڪرڻ لڳا، تفريح گاهن ۽ مختلف شهرن جي فضول سير سفر جا شوقين مدني قافلن جا مسافر بڻجڻ لڳا. ماءُ پيءُ جي دل ڏکائڻ وارا، والدين جي خدمت ۽ انهن جي هٿن پيرن جي چمڻ جون برڪتون حاصل ڪرڻ لڳا. يهود و نصاريٰ جي نقل ڪرڻ وارا نادان، مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي سنّت جي پيروي ۾ چهرن تي ڏاڙهي، بدن تي مدني لباس، مٿي تي زلف، ۽ عمامي شريف جو مدني تاج سينگارڻ لڳا. معاشري جا بدڪردار ۽ بدگفتار آقا صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي سنّتن جا پيڪر بڻجڻ لڳا.اولاد کي پڪو دنيادار بڻائڻ وارا، پنهنجي ٻارن کي دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينہ ۽ جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرائي حافظ، عالم ۽ مبلغ بنائڻ لڳا. بي پرده ۽ بي عمل نادان ڀينرون، باپرده ٿي معلمہ، مدرسہ، مبلغہ ٻڻيون ۽ انهن جا جڳهہ جڳهہ تي باپرده اجتماع ٿيڻ لڳا. بي نمازي نہ رڳو نمازي بلڪ قاري ۽ امام ۽ خطيب بڻجڻ لڳا. خشڪ طبيعت وارا عشق جي لذت ۽ فاسق، تقويٰ ۽ پرهيزگاري بلڪ ڪافر پڻ اسلام جي نعمت ماڻڻ لڳا. واهہ! ڇا ڳالهہ ڪجي اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪاش اسان تي بہ اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جي اهڙي سڌي ۽ مٺي نظر پئجي وڃي جو اسان نہ رُڳو نيڪ بلڪ نيڪ بنائڻ جو مدني جذبو حاصل ڪيون

www.dawateislami.net

عمل کا ہو جذبہ عطا یا الٰہی | گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی (عزوجل)
میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی (عزوجل)
پڑھوں سُنّتِ قَبلیہ وقت ہی پر | ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی (عزوجل)
دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت | رہوں باوضو سدا یا الٰہی (عزوجل)
ہو اَخلاق اچھا ہو کردار سُتھرا | مجھے مُتّقی تُو بنا یا الٰہی (عزوجل)
غُصیلے مِزاج اور تَمسُخر کی خصلت | سے مجھ کو بچالے بچا یا الٰہی (عزوجل)
نہ نیکی کی دعوت میں سُستی ہو مجھ سے | بنا شائقِ قافلہ یا الٰہی (عزوجل)
سعادت مِلے درسِ فیضانِ سُنّت | کی روزانہ دو مرتبہ یاالٰہی (عزوجل)
میں مٹّی کے سادہ سے برتن میں کھاؤں | چٹائی کا ہو بسترا یا الٰہی (عزوجل)
ہے عالِم کی خدمت یقیناً سعادت | ہو توفیق اِس کی عطا یاالٰہی (عزوجل)
صدائے مدینہ دُوں روزانہ صدقہ | بوبکر و فاروق کا یا الٰہی (عزوجل)
میں نیچی نگاہیں رکھوں کاش! ہردم | عطا کردے شرم و حیا یاالٰہی (عزوجل)
ہمیشہ کروں کاش! پردے میں پردہ | تُو پیکر حیا کا بنا یا الٰہی (عزوجل)
باس سُنّتوں سے مُزیّن رہے اور | عِمامہ ہو سر پر سجا یا الٰہی (عزوجل)
سبھی مُشت داڑھی اور گیسو سجائیں | بنیں عاشقِ مصطفیٰ یا الٰہی (عزوجل)
ہر اِک مدنی انعام سگِ عطار پائے | کرم کر پئے مصطفیٰ یا الٰہی (عزوجل)

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صلوا علی الحبیب! صلی اللہ تعالی علی محمد

www.dawateislami.net

## جيڪڏهن توهان واقعي نيڪ بڻجڻ چاهيو ٿا....

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن توهان واقعي الله تعاليٰ جا فرمانبردار ۽ سچا عاشقِ رسول صلى الله تعالیٰ عليه وآله وسلم نيڪ ۽ عبادت گذار ۽ باعمل مسلمان بڻجڻ چاهيو ٿا ته پوءِ همٿ ڪري شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جا عطا ڪيل **مدني انعامات** اپنايو، اهو گناهن جي بيماريءَ کان شفا ماڻڻ ۽ نيڪ بڻجڻ جو مدني نسخو آهي.

اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه فرمائن ٿا: مون کي مدني انعامات سان پيار آهي. فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان الله عزوجل جي رضا جي خاطر سچي دل سان انهن کي قبول ڪري انهن تي عمل شروع ڪري ڇڏيو ته توهان عنقريب ان شاءَالله عزوجل ان جون بَرَڪتون ڏسي وٺندؤ، توهان کي ان شاءَالله عزوجل دلي سُڪون نصيب ٿيندو، باطن جي صفائي ٿيندي. سمهڻ وقت خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ عزوجل و صلى الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جا چشما توهان جي دل مان جاري ٿيندا. ان شاءَالله عزوجل توهان جي علائقي ۾ **دعوتِ اسلامي** جو مدني ڪم حيرت انگيز حد تائين وڌندو ويندو. جيئن ته مدني انعامات تي عمل الله عزوجل جي رضا جي حاصل ٿيڻ جو ذريعو آهي تنهن ڪري شيطان توهان کي تمام گهڻي سُستي ڏياريندو، طرح طرح جا حيلا سمجهائيندو. توهان جي دل نه لڳي سگهندي پر توهان همٿ نه هارجو ان شاءَ الله عزوجل دل به لڳي ويندي.

www.dawateislami.net

اے رضاؔ ہر کام کا اِک وقت ہے　　دِل کو بھی آرام ہو ہی جائے گا

صلوا على الحبيب!　　صلى الله تعالى على محمد

الحمدلله عزّوجلّ شيخ طريقت، امير اهلسنّت دامت بركاتهم العاليه اسان جا خيرخواهه آهن. پاڻ اسان کي اهو جيڪو عظيم الشان مدني نسخو"**مدني انعامات** "جي نالي سان عطا فرمايو آهي. ان تي عمل ڪري اسان پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جو عظيم جذبو حاصل ڪري سگهون ٿا. اهو **مدني انعامات** جو تحفو اسان جي بزرگن جي ياد کي تازو ڪري ٿو. ان جي ذريعي اسان خود احتسابيءَ جو مدني جذبو حاصل ڪري سگهون ٿا، اڪيلائيءَ ۾ **مدني انعامات** جي رسالي کي کولي ان ۾ شامل سوال جي جواب ۾ پاڻ ئي ها ( ) يا نه ( 0 ) جي ذريعي پنهنجي ڪارڪردگي يا ڪوتاهي جو جائزو وٺي سگهو ٿا. جڻ اهي **مدني انعامات** اسان کي روزانو پنهنجي ئي لڳايل خود احتسابيءَ جي عدالت ۾ حاضر ڪري اسان کي پنهنجي ئي ضمير کان فيصلو ڪرائيندي ۽ اسان جي اصلاح جو سامان مهيا ڪندا آهن. اهي مدني انعامات جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارن ۽ جهنّم کان بچائڻ وارن عملن جو مجموعو آهن. حضرتِ سيّدُنا فاروقِ اعظم رضى الله تعالى عنه پاڻ کي ڇهبڪ هڻي پُڇندا هئا بُڌاءِ تو اڄ ڪهڙو عمل ڪيو؟ اهڙيءَ طرح ٻيا بزرگانِ دين رحمهم الله المبين ٻه حال آهر خود احتسابي ڪندا هئا ۽ درجن جي بلنديءَ جو اهتمام فرمائيندا هئا.

www.dawateislami.net

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه اسان جي بدحاليءَ کي ملاحظہ فرمائيندي اسان کي **مدني انعامات** جو عظيم مدني تحفو عطا فرمايو آهي تہ جيئن اسان روزانو وقت مقرر ڪري فڪرِ مدينه (يعني خود احتسابي) تي استقامت حاصل ڪريون، گناهن کان بچون ۽ نيڪ بڻجون. اچو! **مدني انعامات** جي بهار ملاحظہ فرمايو ۽ روزانو فڪرِ مدينه جي نيّت ڪريو. جيئن تہ

# روزانو فڪرِ مدينہ ڪرڻ جو انعام

www.dawateislami.net

هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي: **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مون کي **مدني انعامات** سان پيار آهي ۽ روزانو فڪرِ مدينہ ڪرڻ جو منهنجو معمول آهي. هڪ ڀيري مان تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي تربيت جي مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ صوبي بلوچستان (پاڪستان) جي سفر تي هوس. انهيءَ دؤران مون گناهگار تي ڪرم جو دروازو کُلي ويو. ٿيو هيئن جو رات جو جڏهن سُتس تہ قسمت ناز منجهان جاڳي پئي، جناب رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف کڻي آيا، اجان جلون ۾ گم هئس تہ مبارڪ چپن کي جنبش ٿي ۽ رحمت جا گل ٽِڙڻ لڳا، لفظن کي ڪجهہ هن ريت ترتيب ملي: "**جيڪي مدني قافلي ۾ روزانو فڪرِ مدينہ ڪندا آهن**

ماڻ انهن کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندس.”

(فيضانِ سنّت، باب فيضانِ رمضان، فضائلِ رمضان شريف، ج 1 ص 888)

شکریہ کیوں کر ادا ہو آپ کا یا مصطفیٰ

کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# نيڪ عملن جي لاءِ هر وقت تيار رهو

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن اسان روزانو وقت مقرر ڪري **فڪرِ مدينه** جي سعادت حاصل ڪئي ته ان **شآءَالله** عَزَّوَجَلَّ اسان نيڪ بڻجي ويندا سين. نيڪن تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جون خوب ڪرم نوازيون، مهربانيون ۽ حوصلي افزايون ٿينديون آهن. **الله اڪبر** عَزَّوَجَلَّ جڏهن نيڪ ۽ متقي شخص دنيا مان موڪلائي ويندو آهي ته **الله تبارڪ وتعاليٰ** جا معصوم فرشتا ان کي ڪهڙي خوشخبري ٻڌائن ٿا ملاحظ فرمايو ۽ **الله تعاليٰ** جي رضا جي لاءِ اخلاص سان نيڪ عملن جي بجا آوري جي لاءِ تيار ٿي وڃو. جيئن ته ٽيهين سيپاري، سُوۡرَةُ الۡفَجۡر جي آيت نمبر 27، 28، 29 30 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

يٰۤاَیَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿ۙ﴾ ارْجِعِیْۤ اِلٰی رَبِّکِ رَاضِیَةً مَّرْضِیَّةً ﴿ۚ﴾ فَادْخُلِیْ فِیْ عِبٰدِیْ ﴿ۙ﴾ وَادْخُلِیْ جَنَّتِیْ ﴿٪﴾

**ترجمو كنزالايمان:** اي اطمينان وارا ساهه پنهنجي ربّ جي طرف هن طرح واپس ٿيءُ جو تون ان کان راضي ۽ اهو توکان راضي. پوءِ منهنجي خاص ٻانهن ۾ داخل ٿيءُ ۽ منهنجي جنّت ۾ اچ .

اطاعت گذارن ۽ فرمانبردارن کي **جنت** ۾ داخل ٿيڻ وقت ڇا چيو ويندو، ملاحظہ فرمايو ۽ ايمان تازو ڪريو جيئن ته اڻٽيهين سيپاري سورة الدهر جي آيت 22 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

www.dawateislami.net

اِنَّ هٰذَا کَانَ لَکُمْ جَزَآءً وَّ کَانَ سَعْیُکُمْ مَّشْکُوْرًا ﴿۲۲﴾

**ترجمو كنزالايمان:** ۽ انهن کي فرمايو ويندو، هيءُ آهي توهان جو انعام ۽ توهان جي محنت مُراد واري ٿي .

قيامت جي ڏينهن جڏهن ڪافر، جبّار و قهّار جل جلاله جي حڪم سان جهنّم ۾ داخل ٿيندا ته نيڪوڪار ۽ اَبرار يعني نيڪ عملن جي بجا آوري ڪرڻ وارا ٿولن جي صورت ۾ جنّت جي گلزار ۾ داخل ڪيا ويندا. جيئن ته چوويهين سيپاري، سُوْرَةُ الزُّمَر جي آيت 73، 74 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

وَسِيۡقَ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا رَبَّهُمۡ اِلَى الۡجَنَّةِ زُمَرًا ؕ حَتّٰۤى اِذَاجَآءُوۡهَا وَفُتِحَتۡ اَبۡوَابُهَا وَقَالَ لَهُمۡ خَزَنَتُهَا سَلٰمٌ عَلَيۡكُمۡ طِبۡتُمۡ فَادۡخُلُوۡهَا خٰلِدِيۡنَ ۝ وَقَالُوا الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡ صَدَقَنَا وَعۡدَهٗ وَاَوۡرَثَنَا الۡاَرۡضَ نَتَبَوَّاُ مِنَ الۡجَنَّةِ حَيۡثُ نَشَآءُ ۚ فَنِعۡمَ اَجۡرُ الۡعٰمِلِيۡنَ ۝

ترجمو كنزالايمان: ۽ جيكي پنهنجي ربّ كان ڊڄندا هئا انهن جون سواريون جماعت در جماعت جنّت جي طرف هلايون وينديون ايستائين جو جڏهن اتي پهچندا ۽ ان جا دروازا كليل هوندا ۽ ان جا داروغا انهن كي چوندا توهان تي سلام توهان ڏاڍا چڱا رهيو، هاڻي جنّت ۾ داخل ٿيو هميشہ جي واسطي، ۽ اهي چوندا سڀ خوبيون الله جي واسطي جنهن اسان سان پنهنجو واعدو سچو كيو ۽ اسان كي هن زمين جو وارث كيائين جو اسان جنّت ۾ رهون جتي گهرون پوءِ كهڙو نہ چڱو ثواب آهي كم وارن جو.

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

# علم دين جي جستجو

حضرتِ سيّدُنا ابو دَرۡدَاء رضى الله تعالى عنه فرمائن ٿا تہ مون نبي كريم، رؤف رحيم صلى الله تعالى عليه واله وسلم كي فرمائيندي ٻُڌو تہ ”جيكو الله عزوجل جي رضا جي لاءِ علم جي جستجو ۾ نكرندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جي لاءِ جنّت جو هك دروازو كولي ڇڏيندو آهي ۽ فرشتا ان جي لاءِ پنهنجا پَرَ وِڇائيندا

آهن ۽ ان جي لاءِ رحمت جي دعا ڪندا آهن ۽ آسمانن جا فرشتا ۽ سمنڊ جون مڇيون ان جي لاءِ استغفار ڪنديون آهن ۽ عالِم ڪي عابد تي ايڏي فضيلت حاصل آهي جيتري چوڏهين رات جي چنڊ کي آسمان جي سڀ ڪان ننڍي تاري تي، ۽ عالِم، انبياءِ ڪرام عليهم السلام جا وارث آهن. بيشڪ انبياءِ ڪرام عليهم السلام درهم ۽ دينار جو وارث ناهن بڻائيندا بلڪ اهي عظيم هستيون ته علم جو وارث بڻائينديون آهن، تنهن ڪري جنهن علم حاصل ڪيو ان پنهنجو حصو ماڻي ورتو ۽ عالِم جو موت هڪ اهڙي آفت آهي جنهن جو ازالو نه ٿو ٿي سگهي ۽ هڪ اهڙو خال آهي جنهن کي پري نه ٿو سگهجي (جڻ ته) اهو هڪ تارو هيو، جيڪو لهي ويو، هڪ قبيلي جو موت هڪ عالِم جي موت کان وڌيڪ آسان آهي." (بيهقي شعب الايمان، باب في طلب العلم، حديث، 1699، ج 2 ص 263)

www.dawateislami.net

پڑوسی خُلد میں اپنا بنالو
کرم یا مصطفٰے بہرِ رضا ہو

(از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مدني قافلن جي پابنديءَ سان گڏوگڏ جڏهن اسان وقت مقرر ڪري روزانو **فڪرِ مدينه** ڪندي **مدني انعامات** جا پابند بڻجنداسين ته ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ اسان کي علمِ دين جي جستجو جو مدني جذبو حاصل ٿيندو ۽ اسان به جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارن عملن جي تياري ۾ مشغول ٿي ويندا سين. جيئن ته پيڪرِ علم و حڪمت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه مدني انعام نمبر 68 ۾ فرمائن ٿا.

چا توهان هن سال گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو امام غزالي عليه رحمة الوالي جي آخري تصنيف "**منهاج العابدين**" مان توبه، اخلاص، تقويٰ، خوف،اميد، ڏيکاءُ، زبان، دل، ۽ پيٽ جي حفاظت جو بيان پڙهي يا ٻُڌي ورتو؟ اهڙيءَ طرح مدني انعام نمبر 69 ۾ به ارشاد فرمائن ٿا چا توهان هن سال گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو بهارِ شريعت جي حصي 9 مان مُرتَد جو بيان، حصي 2 مان نجاستن جو بيان ۽ ڪپڙي پاڪ ڪرڻ جو طريقو، حصي 16 مان خريد و فروخت جو بيان، والدين جي حقوق جو بيان (جيڪڏهن شادي شده آهيو ته) حصي 7 مان محرمات جو بيان ۽ گهروارين جي حقن جو بيان، حصي 8 مان ٻارن جي پرورش جو بيان، طلاق جو بيان، ظِهار جو بيان، طلاقِ ڪِنايه جو بيان پڙهي يا ٻُڌي ورتو؟

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# جهيڙو ڇڏڻ

حضرتِ سيِّدُنا انس بن مالڪ رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي ته سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: "جيڪو باطل ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏي ان جي لاءِ **جنت** جي ڪناري تي هڪ گهر ٺاهيو ويندو ۽ جيڪو حق تي هوندي جهيڙو ڪرڻ ڇڏي ڏيندو ان جي لاءِ **جنت** جي وچ ۾ گهر ٺاهيو ويندو ۽ جنهن جا اخلاق سٺا هوندا، ان جي لاءِ **جنت** جي اعليٰ مقام ۾ هڪ گهر ٺاهيو ويندو."

(سنن ترمذي،ڪتاب البر والعلة،باب ماجاء في المراء حديث 2000،ج 3 ص 400)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** آفتابِ قادريت، ماهتابِ رضويت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه اسان کي جهيڙن وارن ڪمن کان بچائي **جنت** جي راهِ تي گامزن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي مدني انعامات ۾ فرمائن ٿا. مدني انعام نمبر 26 : ڪنهن ذميدار (يا عام اسلامي ڀاءُ) کان بُرائي تي وجي ۽ اصلاح جي ضرورت محسوس ٿئي ته لکت ۾ يا روبرو ملي ڪري (ٻنهي صورتن ۾ نرميءَ سان) سمجهائڻ جي ڪوشش فرمائي يا **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ بنا شرعي اجازت جي ڪنهن ٻئي تي ظاهر ڪري غيبت جو ڪبيرو گناهه ڪري وينؤ؟ (ها پاڻ کي سمجهائڻ جي جرات نه هجي يا ناڪاميءَ جي صورت ۾ تنظيمي ترڪيب جي مطابق مسئلو حل ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي)

مدني انعام نمبر 33 : ۾ فرمائن ٿا: اڄ توهان (گهر ۾ ۽ ٻاهر) ڪنهن تي **تهمت** ته نه لڳائي، ڪنهن جو نالو ته نه بگاڙيو؟ ڪنهن کي **ٽارگند** ته نه ڏني؟ (ڪنهن کي سوئر، گڏهه، چور، ڏگها، بندرا، وغيره نه چوندا ڪريو)

www.dawateislami.net

مدني انعام7 : ڇا اڄ توهان (گهر ۾ ۽ ٻاهر به) هر ننڍي وڏي ايستائين جو والده (۽ جيڪڏهن آهن ته پنهنجي ٻارن ۽ انهن جي امي) کي به **تون** چئي مخاطب ڪيو يا **توهان** چئي ڪري؟ ۽ پڻ هر هڪ سان گفتگو جي دؤران **ها** چئي ڪري ڳالهه ڪئي يا **جي** چئي ڪري؟ ("توهان" چوڻ، "جي" چوڻ صحيح جواب آهي)

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

# حلال ڪائڻ ۽ سنت اپنائڻ

حضرتِ سيّدُنا ابو سَعِيد خُدرِي رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينهٔ منوره، مکينِ گنبدِ خَضريٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو ته"جنهن حلال کاڌو ۽ سنّت جي مطابق عمل ڪيو ۽ ماڻهو ان جي شر کان محفوظ رهيا ته جنّت ۾ داخل ٿيندو." صحابه ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم عرض ڪيو، "يا رسول الله عزوجل و صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم اهڙا ماڻهو ته توهان صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي امت ۾ گهڻا آهن." ته نبي ڪريم، رؤف رحيم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، عنقريب مون کان پوءِ گهٽ زمانن ۾ هوندا.

(المستدرک للحاکم، کتاب الاطعمة، ذکرِ معيشة النبي صلی اللہ علیہ وسلم، حديث 7155، ج 5 ص 142)

www.dawateislami.net

گدا بھی منتظر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا

خدا دن خیر سے لائے سخی کے گھر ضیافت کا

(حدائقِ بخشش، از امامِ اہلسنت عَلَیہِ رَحْمَۃُ رَبِّ العِزَّت، ص۳۲)

**اي ڪاش!** حلال ڪائڻ، سنّتون اپنائڻ سان گڏوگڏ اسان ماڻهن جي دل ڏکائڻ کان بچندا رهون. جيئن ته عاشقِ اعليٰ حضرت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه مدني انعام نمبر 48 : ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان (گهر ۾ ۽ ٻاهر) **مذاق مسخري، ٺوڪ، دل آزاري ۽ ٺهڪ لڳائڻ** (کِلڻ کِلائڻ) کان حتي الامکان بچڻ جي ڪوشش ڪئي؟ (**ياد رکو!** ڪنهن مسلمان جي دل ڏکائڻ ڪبيرو گناه آهي)

مدني انعام نمبر 50 : ڇا اڄ توهان جو سڄو ڏينهن (نوڪري يا دڪان وغيره تي ۽ پڻ گهر جي اندر بہ) **عمامي شريف** (۽ تيل لڳائڻ جي صورت ۾ سربند بہ) **زلف** (جيڪڏهن وڏا هجن تہ) هڪ مٺ **ڏاڙهي** سنّت جي مطابق اڌ پِنين تائين (اڇو) **پهريان**، سامهون کيسي ۾ نمايان **ڏندڻ** ۽ ٽِڪين کان مٿي **وڏا پانچا** رکڻ جو معمول رهيو؟

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# وضــو

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ مون ٻنهي جهانن جي سلطان، سروَرِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم کي فرمائيندي ٻڌو تہ: "**جنت** ۾ مؤمن جو زيور ايستائين هوندو جيستائين وضو جو پاڻي پهچندو آهي." (صحيح مسلم، کتاب الطهارة، باب تبلغ الحلية حيث يبلغ الوضوء، حديث 250، ص 151) ابنِ خُزَيمَه جي روايت ۾ آهي تہ مون سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ، باعثِ نُزولِ سڪينہ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم کي فرمائيندي ٻُڌو: "**جنت** ۾ وضو جي عضون تائين زيور هوندا." (ابنِ خزيمہ، باب اسحاب.....الخ ، الحديث 7، ج 1 ص 7)

پڑوسی خُلد میں عطارؔ کو اپنا بنا لیجے
جہاں ہیں اِتنے احساں اور احساں یارسول اللہ

(مغیلانِ مدینہ ازامیرِ اہلسنّت دامت برکاتہم العالیہ)

امير هلسنّت دامت برڪاتهم العاليه مدني انعامات نمبر 39 ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان حتي الامڪان ڏينهن جي

www.dawateislami.net

اڪثر حصي ۾ وضو سان رهيا؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** روزانو **فڪرِ مدينہ** جي ذريعي **مدني انعامات** تي عمل جي عادت بڻائڻ جي سعادت تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت سان ڀرپور مدني قافلن ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايو. **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ سفر جون ڪهڙيون نہ خوب بهارون آهن. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، **دامت برڪاتهم العاليه** جي مايہ ناز تصنيف "فيضانِ سنّت جلد پهريون" جي باب "**فيضانِ بسم الله** جي ص 124 تي لکن ٿا:

## مدني قافلي تي سرڪار ﷺ جي ڪرم نوازي

www.dawateislami.net

**هڪ** عاشقِ رسول جي بيان جو پنهنجي انداز ۽ لفظن ۾ خلاصو پيشِ خدمت آهي، اسان جو **مدني قافلو** سنّتن جي تربيت وٺڻ جي لاءِ حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) ڪان سرحد صوبي پهتو- هڪ مسجد ۾ ٽي ڏينهن گذاري ٻئي علائقي ڏانهن ويندي رستو ڀُلجي اسان جهنگ ۾ وڃي نڪتاسين، رات جي اونداهي هر طرف ڦهلجي چُڪي هئي، پري پري تائين آباديءَ جو ڪو نالو نشان نہ هيو، جيئن پوءِ تيئن پريشاني وڌندي پئي وئي ايتري ۾ اميد جو هڪ ڪرڻو نظر آيو ۽ ڪافي پري هڪ بَتي ٽِمڪندي نظر آئي. خوشيءَ مان اسان اوڏانهن ڊوڙ پاتي پر افسوس! ڪجهہ ئي گهڙين ڪان پوءِ اها روشني غائب ٿي وئي، اسين اتي ئي بيٺا رهجي وياسين، اسان جي گهٻراهٽ ۾ هڪدم اضافو ٿي

ويو! تہ ڇا ڪريون، ڇا نہ ڪريون ۽ ڪيڏانهن وڃون؟ ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ اچي رهيو هيو- آھ ! آھ! آھ!

سونا جنگل رات اندھیری چھائی بدلی کالی ہے — سونے والو! جاگتے رہیو چوروں کی رکھوالی ہے

جگنو چمکے پتا کھڑکے مجھ تنہا کا دل دھڑکے — ڈر سمجھائے کوئی پون ہے یا آگیا بیتالی ہے

بادل گرجے بجلی تڑپے دھک سے کلیجا ہو جائے — بن میں گھٹا کی بھیانک صورت کیسی کالی کالی ہے

پاؤں اٹھا اور ٹھوکر کھائی کچھ سنبھلا پھر اوندھے منہ — مینہ نے پھسلن کردی ہے اور دھر تک کھائی نالی ہے

ساتھی ساتھی کہہ کے پکاروں ساتھی ہو تو جواب آئے — پھر جھنجھلا کر سر دے پٹکوں چل رے مولیٰ والی ہے

پھر پھر کر ہر جانب دیکھوں کوئی آس نہ پاس کہیں — ہاں اک ٹوٹی آس نے ہارے جی سے رفاقت پالی ہے

تم تو چاند عرب کے ہو پیارے تم تو عجم کے سورج ہو

www.dawateislami.net

دیکھو مجھ بے کس پر شب نے کیسی آفت ڈالی ہے

ان پريشانيءَ ۾ خبر ناهي ڪيترو وقت گذري ويو، اوچتو انهيءَ طرف وري روشني ظاهر ٿي، اسان الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي ڪري همٿ ڪئي ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر آباديءَ جي اميد تي روشنيءَ ڏانهن تڪڙا تڪڙا قدم کڻي هلڻ لڳاسين- جڏهن ويجهو پهتاسين تہ هڪ شخص روشني ڪنيو بيٺو هيو، ان ڏاڍي محبت ۽ خوش اخلاقي سان اسان جي آجيان ڪئي ۽ اسان کي پنهنجي گهر وٺي ويو، عاشقانِ رسول جي مدني قافلي جي ٻارهن مسافرن جي تعداد مطابق **12 ڪوپ** موجود هئا ۽ چانهہ بہ تيار هئي ان گرم گرم چانهہ جي ذريعي اسان جي "**خير خواهي**" ڪئي- اسان ان غيبي

امداد ۾ پورا ٻارهن ڪوپ چانهه جا پهريان ڪان تيار ٿيل ڏسي حيران ٿي ويا. پُڇڻ تي اسان جي اڏجاتل ميزبان انڪشاف ڪيو ته مان سُتو پيو هيس ته قسمت جاڳي پئي، **جناب رسالتِ مآب** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم **منهنجي خواب ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ڪجهه هن طرح ارشاد فرمايائون، "دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي جا مسافر رستو ڀُلجي ويا آهن. انهن جي رهنمائيءَ جي لاءِ توهان روشني ڪڻي ٻاهر بيهي رهو."** منهنجي اک کلي وئي ٻَتي ڪڻي ٻاهر نڪري پيس ڪجهه دير تائين بيٺو رهيس پر نظر ڪجهه ڪو نه آيو، وسوسو آيو ته شايد غلط فهمي ٿي آهي، اکين ۾ ننڊ ڀريل هئي، گهر ۾ داخل ٿي وري سمهي پيس، ظاهري اک بند ٿيندي ئي دل جي اک وري کُلي وئي ۽ هڪ ڀيرو وري مديني جي **تاجدار** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو نُور بار چهرو نظر آيو، مبارڪ چَپَن کي جنبش ٿي، رحمت جا گل ٽڙڻ لڳا ۽ لفظن ڪجهه هيئن ترتيب ماڻي "**ديوانا! مدني قافلي ۾ ٻارهن مسافر آهن، انهن جي لاءِ چانهه جو انتظام ڪري يڪدم روشني ڪڻي ٻاهر بيهي رهو**-" مون يڪدم "**خير خواهي**" جي ترڪيب ڪئي ۽ روشني ڪڻي ٻاهر نڪري آيس ته ايتري ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو به اچي پهتو-

آتا ہے فقیروں پہ انہیں پیار کچھ ایسا    خود بھیک دیں اور خود کہیں منگتا کا بھلا ہو
تم کو تو غلاموں سے ہے کچھ ایسی محبت    ہے ترک ادب ورنہ کہیں ہم پہ فدا ہو

**صلوا على الحبيب!    صلى الله تعالى على محمد**

www.dawateislami.net

# وضو کان پوءِ جي دعا

امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر بن خطاب رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب ، مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيُوب صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "توهان مان جيکو شخص کامل وضو کري پوءِ هي کلمو پڙهي،

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْکَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَ رَسُوْلُهٗ .

**ترجمو**: "مان شاهدي ٿو ڏيان تہ الله عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ کو معبود ناهي اهو اڪيلو آهي ان جو کو شريک ناهي ۽ شاهدي ٿو ڏيان تہ حضرت سيّدُنا محمد صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ان جا ٻانها ۽ رسول آهن." تہ ان جي لاءِ **جنت** جا اٺ ئي دروازا کُلي ويندا، جنهن دروازي کان چاهي **جنت** ۾ داخل ٿي وڃي." (صحيح مسلم، کتاب الطهارة، حديث 234، ص 144)

www.dawateislami.net

ہم نے مانا کہ گناہوں کی نہیں حد لیکن
تُو ہے اُن کا تو حَسن تیری ہے جنّت تیری

(ذوقِ نعت از حسن رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مُصنِّفِ فيضانِ سنّت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جي عطا ڪيل مدني قافلن جي جدوَل (سڄي عمر ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو لاڳيتو 12 مهينا، هر ٻارهن مهينن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو لاڳيتو 30 ڏينهن ۽ هر ٽيهن ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن) جي مطابق پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جو جذبو کڻي مدني قافلن جا مسافر بڻجو، ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ صلوٰة و سنّت ۽ انفرادي ڪوشش، درس ۽ بيان جي عملي تربيت، درست مخارج

سان قرآن سکڻ سيکارڻ جي سعادت، گهڻو وقت مسجد ۾ قيام ۽ هر وقت چڱي صحبت جي بَرَکت، دعائن جي قبوليت ۽ گناهن جي بيمارين کان نجات ۽ برات وغيره سان گڏوگڏ وضو کان پوءِ جي دعا ۽ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جون گهڻيون ئي مقبول دعائون وغيره ياد ڪرڻ جي عظيم سعادت بہ حاصل ٿيندي. جيئن تہ منهنجا شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه فرمائن ٿا: مدني انعام نمبر 63: ڇا توهان بالغ، نابالغ ۽ نابالغہ جي جنازي جون دعائون، ڇھ ڪلما، ايمانِ مُفَصَّل، ايمان مُجمل، تڪبيرِ تشريق ۽ تلبيہ (يعني لبيک) اهي سڀ ترجمي سميت زباني ياد ڪري ورتا آهن؟ ۽ پڙ هن مهيني جي پهرين سومر شريف تي (يا رهجي وڃڻ جي صورت ۾ ڪنهن بہ ٻئي ڏينهن تي) اهي سڀ پڙهي ورتا آهن؟

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# تحية الوضو

حضرتِ سيّدُنا بُرَيده رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ هڪ صبح رسولِ پاڪ، صاحبِ افلاڪ، سيّاح افلاڪ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم سجاڳ ٿيا تہ حضرت سيّدُنا بلال رضی اللہ تعالیٰ عنہ کي سڏ ڪيائون پوءِ دريافت فرمايائون: "اي بلال! رضی اللہ تعالیٰ عنہ ڪهڙي شيءِ توکي مون کان اڳ ۾ جنّت ۾ وني وئي؟ اڄ رات مان جنّت ۾ داخل ٿيس تہ مون پنهنجي اڳو توهان جي قدمن جو آواز

بُڌو.” تہ حضرتِ سيّدُنا بلال رضی اللہ تعالیٰ عنہ عرض ڪيو، ”يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم آءُ (وضو ڪرڻ ڪان پوءِ) هميشہ بہ رڪعتون پڙهي پوءِ اذان ڏيندو آهيان ۽ جڏهن بي وضو ٿيندو آهيان تہ جلدي وضو ڪري وٺندو آهيان.” تہ رحمتِ عالَم، شهنشاهِ امم، تاجدارِ حرم صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، ”(چڱو) اهو ئي سبب آهي.”

(مسند احمد، حديث بريره الاسمي، حديث 23057، ج 9 ص 20)

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

حضرتِ سيّدُنا عقبہ بن عامر رضی اللہ تعالیٰ عنہ ڪان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رسولِ عظيم، رؤف رحيم صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، ”جيڪو شخص سهڻي طريقي سان وضو ڪري ۽ بہ رڪعتون دلي توجهہ سان ادا ڪري تہ ان جي لاءِ **جنت** واجب ٿي ويندي.”

(صحيح مسلم، ڪتاب الطهارة، باب ذکر المستحب عقب الوضو، حديث 234، ص 144)

بہت کمزور ہوں ہرگز نہیں قابل عذابوں کے
خُدارا ساتھ لیتے جانا جنّت یارسول اللہ

(از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

امیرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه اسان کي **جنت** ڏانهن وٺي وڃڻ وارن عملن جي ترغيب ڏياريندا رهندا آهن جيئن تہ پاڻ (دامت برڪاتهم العاليه) مدني انعام نمبر 20 ۾ فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو **تحية الوضو** ۽ **تحية المسجد** ادا فرمائي؟

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# اذان ۽ اقامت

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عُمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي، مکّي مدني، عربي قَرَشي، رسولِ هاشِمي صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "جيڪو 12 سالن تائين اذان ڏيندو ان جي لاءِ **جنت** واجب ٿي ويندي ۽ ان جي اذان جي بدلي ان جي لاءِ روزانو 60 نيڪيون ۽ هر اقامت جي عيوض 30 نيڪيون لکيون وينديون."

(سنن ابنِ ماجه، کتاب الاذان والسنة فيها، باب فضل الاذان، حديث 728، ج 1 ص 402)

وہ تو نہایت سستا سَودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
www.dawateislami.net
ہم مفلِس کیا مول چکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے

(حدائقِ بخشش، از امامِ اہلسنت علیہ رحمۃ ربّ العزّت)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# اذان جو جواب

امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر بن خطاب رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم، نورِ مجسم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "جڏهن مؤذن الله اڪبر الله اڪبر چوي تہ توهان مان ڪو الله اڪبر الله اڪبر چوي، پوءِ مؤذن اشهد ان لا اٰله الا الله چوي تہ اهو شخص بہ اشهد ان لا اله الا الله چوي، پوءِ مؤذن اشهد ان محمد رسول الله چوي تہ اهو شخص بہ اشهد

ان محمد رسول الله چوي، پوءِ مؤذن حي علي الصلوٰة چوي
تہ اهو شخص لا حول ولا قوة الا بالله چوي، پوءِ مؤذن حي
علي الفلاح چوي تہ اهو شخص لا حول ولا قوة الا بالله
چوي، پوءِ جڏهن مؤذن الله اڪبر الله اڪبر چوي تہ اهو
شخص بہ الله اڪبر الله اڪبر چوي ۽ جڏهن مؤذن لا اله الا
الله چوي تہ اهو شخص دل سان لا اله الا الله چوي تہ **جنت** ۾
داخل ٿيندو.” (صحيح مسلم، ڪتاب الصلوٰة، باب استجاب القول مثل قول
المؤذن الخ، حديث 385، ص 203)

وہ خُلد جس میں اُترے گی اَبرار کی بَرات

ادنیٰ نچھاور اِس مرے دُولھا کے سر کی ہے

www.dawateislami.net

مدني انعام نمبر4 ۾ ارشاد ٿئي ٿو. ڇا اڄ توهان ڳالهہ
ٻولهہ، هلڻ ڦرڻ، ڪٽڻ رکڻ، فون تي گفتگو ڪرڻ، اسڪوٽر
يا ڪار وغيره هلائڻ سيئي ڪم ڪار ڇڏي اذان ۽ اقامت جو
جواب ڏنو؟ (جيڪڏهن اڳ ۾ ڪائي پي رهيا هجو ۽ اذان شروع ٿي
وڃي تہ ڪائڻ پيئڻ جاري رکي سگهو ٿا)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# صف جي درستگي

اُمُّ الْمُؤمِنِيْن حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رضی اللہ تعالٰی عنہا کان
روايت آهي تہ سروَرِ ذيشان، ٻنهي جهانن جي سلطان

صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، “جيڪو صف جي خال کي پريندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جو هڪ درجو بلند فرمائيندو ۽ ان جي لاءِ **جنت** ۾ هڪ گهر بڻائيندو. (طبراني اوسط حديث 5797، ج 4 ص 225)

یہ مرحمتیں کہ کچی متیں نہ چھوڑیں لَتیں نہ اپنی گتیں
قُصور کریں اور ان سے بھریں قُصورِ جِناں تمھارے لئے

(حدائقِ بخشش، از امامِ اہلسنت عَلَیْہِ رَحْمَۃُ رَبِّ الْعِزَّت)

صلوا علی الحبيب! صلی الله تعالٰی علی محمد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ “**دعوتِ اسلامي**” جي سنّتن ڀرئي مهڪندڙ مهڪندڙ مدني ماحول ۾ نماز ۽ دعا ۾ خشوع ۽ خضوع جو مدني ذهن ڏنو ويندو آهي. جيئن ته شيخ طريقت، امير اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه ارشاد فرمائن ٿا: مدني انعام نمبر 44: ڇا اڄ توهان نماز جي دؤران خشوع ۽ خضوع (خشوع يعني بدن ۾ عاجزي ۽ خضوع يعني دل ۾ روئڻ ٻاڏائڻ جي ڪيفيت) پيدا ڪرڻ جي ڪوشش فرمائي؟ ۽ پڻ دعا ۾ هٿ کڻڻ جي آداب جو لحاظ رکيو؟

صلوا علی الحبيب! صلی الله تعالٰی علی محمد

## الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ مسجد ٺاهڻ

امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عثمانِ غني رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي ته مون سرڪارِ دو عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني

آدم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم کي فرمائيندي ٻُڌو ته "جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشنودي چاهيندي مسجد نهرائيندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنت ۾ هڪ گهر نهرائيندو."

(صحيح بخاري، ڪتاب الصلوٰة ، باب من بنيٰ مسجدًا، حديث 450، ج 1 ص 171)

شاد ہے فردوس یعنی ایک دِن
قسمتِ خُدّام ہوہی جائے گا

(حدائقِ بخشش، از امامِ اہلسنت عَلَیْہِ رَحْمَۃُ رَبِّ الْعِزَّت)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## سلام کي عام ڪرڻ، کاڌو کارائڻ ، صلہ رحمي ۽ رات جو نماز پڙهڻ

www.dawateislami.net

حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن سلام رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا ته جڏهن آقاءِ نامدار، رسولن جي سالار، شهنشاهِ والا تبار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم مديني شريف تشريف کڻي آيا ته ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ پاڻ سڳورن صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ لڳا. آءُ به انهن ماڻهن ۾ شامل هوس. جڏهن آءُ پاڻ سڳورن صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن جي چهري مبارڪ کي غور سان ڏٺو ۽ غور ڪيو ته سمجهي ويس ته اهو ڪوڙي جو چهرو ناهي ۽ پهرين ڳالهه جيڪا مون رسولِ اڪرم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم کان ٻُڌي، اها هيءَ هئي ته اي انسانو! سلام کي عام ڪريو ۽ محتاجن کي کاڌو کارائيندا ڪريو ۽ صلهءِ رحمي اختيار ڪريو ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سُتل هجن

نماز پڙهندا ڪريو **جنت** ۾ سلامتيءَ سان داخل ٿي ويندؤ.” (سنن ترمذي، ڪتاب صفة القيامة، باب 42، حديث 2493، ج 4 ص 219)

شيخ طريقت، عاملِ قرآن و سنّت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه مدني انعام نمبر 6 ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان گهر، آفيس، بس، ٽرين وغيره ۾ ايندي ويندي ۽ گهٽين کان گذرندي، رستي ۾ بيٺل يا ويٺل **مسلمانن کي سلام** ڪيو؟

شها اپنی جنّت میں قدموں میں رکھنا

یہی عاجزانہ مری التجاء ہے

(مغیلانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

www.dawateislami.net

# تهجد جي نماز

حضرتِ سيّدتنا اسماء بِنت يزيد رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي ته مڪّي مدني سرڪار، محبوبِ غفّار صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: ”قيامت جي ڏينهن سڀئي ماڻهو هڪ ئي جاءِ تي گڏ ڪيا ويندا پوءِ هڪ مُنادي نِدا ڪندو ته “ڪٿي آهن اهي ماڻهو جن جا پاسا بسترن کان جدا رهندا هئا؟” پوءِ اهي ماڻهو اٿندا ۽ اهي تعداد ۾ تمام گهٽ هوندا ۽ بغير حساب جي **جنت** ۾ داخل ٿي ويندا، پوءِ سڀني ماڻهن سان حساب شروع ٿيندو.”

(الترغيب والترهيب ، ڪتاب النوافل ، حديث 9 ج 1 ص 240)

اُن کے کرم کے صدقے فضل وکرم سے اُن کے

عطّار پیچھے پیچھے جنّت میں جا رہے ہیں

(مغیلانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# چاشت جي نماز

حضرت سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته نبيّ رحمت، شفيع اُمّت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "بيشڪ **جنت** ۾ هڪ دروازو آهي جنهن کي ضُحيٰ چيو ويندو آهي جڏهن قيامت جو ڏينهن ايندو ته هڪ مُنادي نِدا ڪندو نمازِ چاشت جي پابندي ڪرڻ وارا ڪٿي آهن؟ هي توهان جو دروازو آهي ان ۾ داخل ٿي وڃو." (طبراني اوسط، حديث 5060 ج 4 ص 18)

بے عدد غلام آقا خُلد جا رہے ہیں ساتھ

پیچھے پیچھے کاش! میں بھی شاہِ بحر و بر جاتا

(مغیلانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

**جنت** جي ابدي نعمتن جا طلبگار اسلامي ڀائرو! صاحبِ ڪرامت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه نفلن جي ڪثرت ڪندا آهن ۽ پنهنجي متعلقين ۽ مُريدن کي به ان جي ترغيب ڏياريندا رهندا آهن. جيئن ته مدني نعام نمبر 19: ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان **تهجد، اشراق** ۽ **چاشت** ۽ **اوابين** ادا فرمائي؟ مدني انعام نمبر 20 : ۾ ارشاد ٿئي ٿو .

www.dawateislami.net

ڇا اڄ توهان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو **تحية الوضو ۽ تحية المسجد** ادا فرمائي؟

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

# پنج عمل

حضرتِ سيّدُنا ابو سَعِيد خُدري رضى الله تعالى عنه فرمائن ٿا ته مان حضور سراپا نُور، شاهِ غيّور صلى الله تعالى عليه واله وسلم جن کي فرمائيندي ٻُڌو ته پنج عمل اهڙا آهن جيڪو انهن کي هڪ ڏينهن ۾ ڪندو **الله** عزّوجلّ ان کي **جنتين** ۾ لکندو. (1) مريض جي عِيادت ڪرڻ (2) جنازي ۾ حاضر ٿيڻ (3) هڪ ڏينهن جو روزو رکڻ (4) جمعي جي لاءِ وڃڻ ۽ (5) غلام آزاد ڪرڻ.” **(مجمع الزوائد، ڪتاب الصلوٰة، باب ما يفعل من الخير يوم الجمعة، حديث 3027، ج 2 ص 382)**

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليه** مدني انعام نمبر 53: ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا توهان هن هفتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ مريض يا ڏکويل جي گهر يا اسپتال وڃي ڪري سنّت جي مطابق غمخواري ڪئي؟ ۽ ان کي تحفو (توڙي مڪتبة المدينه جو شايع ڪيل رسالو يا پمفليٽ) پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ تعويذاتِ عطاريه جي استعمال جو مشورو ڏنو؟

يا خدا مغفرت کردے عطّار کی

اِس کو جنّت میں دے دے نبی کا جوار

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# ڪلمهءِ طيبه

حضرتِ سيّدُنا مُعاذ رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ رحمتِ عالَم، نُورِ مجسم، شاهِ بني آدم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "جنهن جو آخري ڪلام **لااله الا الله** هوندو اهو **جنت** ۾ داخل ٿيندو." (المستدرڪ،ڪتاب الدعاء والذڪر،الحديث 1885،ج 2 ص 175)

مدفن ہو عطا میٹھے مدینے کی گلی میں
لِلّٰہ (عزّوجلّ) پڑوسی مجھے جنّت میں بنالو

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# جنازي جي نماز

حضرتِ سيّدُنا مالِڪ بن هُبَيره رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا تہ مون مڪّي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن کي فرمائيندي ٻُڌو تہ "جيڪو مسلمان مري وڃي ۽ ان تي مسلمانن جون ٽي صفون نماز پڙهن تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان تي **جنت** واجب فرمائي ڇڏيندو آهي.

(سنن ابي داود ، ڪتاب الجنائز ، حديث 3166، ج 3 ص 270)

# جنتي جو جنازو

مني مني آقا، مدني مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جن جو فرمانِ عافيّت نشان آهي: "جڏهن ڪو جنّتي شخص فوت ٿي ويندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ حيا فرمائيندو آهي ته انهن ماڻهن کي عذاب ڏي جيڪي ان جو جنازو کڻي هلن ۽ جن هن جي جنازي جي نماز ادا ڪئي. (الفردوس بما ثور الخطاب ج 1 ص 282 حديث 1108)

نارِ دوزخ میں ہِرگز راہی چاہتا تھا میں نثار
اپنی رحمت سے عطا فرمائی جنّت یارسول

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ ص ۱۸)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# تعزيت

www.dawateislami.net

حضرتِ سيّدُنا جابِر رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته خلق جي رهبر، شافع محشر، محبوبِ داوَر عَزَّوَجَلَّ و صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو: "جيڪو ڪنهن ڏکويل شخص سان تعزيت ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي تقويٰ جو لباس پارائيندو ۽ روحن جي وچ ۾ ان جي روح تي رحمت فرمائيندو ۽ جيڪو ڪنهن مصيبت زده سان تعزيت ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي **جنت** جي جوڙن مان به اهڙا جوڙا پارائيندو جن جي قيمت (سڄي) دنيا به نه ٿي ٿي سگهي."

(المعجم الاوسط للطبراني، حديث 9292، ج 6 ص 429)

یاشَہِ ابرار! دے دو خُلد میں اپنا جوار
از پئے غوثُ الورٰی ہو چشمِ رحمت یارسول

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# ٽن ٻارن جو انتقال

حضرتِ سيّدُنا انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته نبيِّ رحمت، شفيع امّت، شهنشاهِ نُبُوَّت صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو:“جنهن مسلمان جا ٽي ٻار بالغ ٿيڻ کان اڳ ۾ مري وڃن، الله عزوجل پنهنجي رحمت سان ان کي ۽ انهن ٻارن کي **جنت** ۾ داخل فرمائيندو.” هڪ روايت ۾ آهي ته“جنهن جي ٽن ٻارن جو انتقال ٿي وڃي اهو **جنت** ۾ داخل ٿيندو .”

(بخاري، كتاب الجنائز،باب ما قيل في اولاد المسلمين..الخ،حديث 1381، ج 1 ص 565)

پڑوسی بنا مجھ کو جنّت میں اُن کا
www.dawateislami.net
خُدائے محمد برائے مدینہ

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# ڪچو ٻار

حضرتِ سيّدُنا مُعاذ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو،“جنهن مسلمان جوڙي (يعني زال مڙس) جا ٽي ٻار انتقال ڪري وڃن ، الله عزوجل انهن ٻنهي زال مڙس ۽ انهن ٻارن تي فضل ۽ رحمت ڪندي **جنت** ۾ داخل فرمائيندو.” صحابه ڪرام عليهم الرضوان عرض ڪيو،“۽ ٻه ٻار؟”فرمايائون،“۽ ٻه ٻار.” صحابه

ڪرام عليهم الرضوان عرض ڪيو ”۽ هڪ؟“فرمايائون ”۽ هڪ“ وري فرمايائون،”ان پاڪ ذات جو قسم! جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي جنهن عورت جو ڪچو ٻار فوت ٿي وڃي (يعني حمل ضايع ٿي وڃي) ۽ اهو ان تي صبر ڪري تہ اهو ٻار پنهنجي ماءُ کي پنهنجي ڏُن جي ذريعي ڇڪيندي جنّت ۾ وٺي ويندو.“

(مسند احمد، حديث معاذ بن جبل مسند الانصار، حديث 22151، ج 8 ص 254)

حشر میں سرکار آنا میرے عیبوں کو چُھپانا

اپنے ربّ سے بخشوانا ساتھ جنت میں بسانا

یَانَبِی سَلَامٌ عَلَیْکَ صَلَوَاتُ اللّٰہِ عَلَیْکَ

(مغیلانِ مدینہ از امیرِ اھلسنت دامت برکاتھم العالیہ)

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه مدني انعام نمبر 57 ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا توهان هن هفتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ اسلامي ڀاءُ کي خط روانو فرمايو؟ (خط ۾ مدني قافلي ۽ مدني انعامات وغيره جي ترغيب ڏياري)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خط واري ان مدني انعام جي ذريعي اسان آسانيءَ سان بهتر انداز ۾ عِيادت ۽ تعزيت جي سعادت حاصل ڪري سگهو ٿا.

خيرخواهي جي مدني جذبي سان سرشار، ڀٽڪيلن جي رهبر ۽ غمخوار، شيخ طريقت، امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه خط جي ذريعي ڪهڙيءَ ريت تعزيت فرمائيندا آهن.

اچو! سندن هڪ تعزيتي مڪتوب (يعني خط) ڪي ملاحظہ فرمايو.

**بسم الله الرحمٰن الرحيم** سگِ مدينہ محمد الياس عطار قادري رضوي عفي عنه جي طرفان **مرحوم محمد شان عطاري** عليه رحمة الباري جي رشتيدارن جي خدماتِ عاليہ ۾ مدني مٺاڻ سان تربتر سلام ، **السلام عليكم ورحمة الله و بركاته الحمدلله رب العٰلمين عليٰ كل حال**

خبر پئي تہ **محمد شان عطاري** حادثي ۾ وفات ڪري ويا آهن. **الله** عَزَّوَجَلَّ مرحوم ڪي رحمت ۾ جڳهہ ڏي، انهن جي قبر تي رحمت ۽ رضوان جا گل وَسائي، انهن جي قبر ۽ مديني جي تاجوَر صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي روضۂ انور جي وچ ۾ جيترا بہ پردا رڪاوٽ آهن سيئي ڪٽي، مرحوم ڪي رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي جلوَن ۾ روشن رکي. مرحوم جي مغفرت فرمائي انهن ڪي جنّت الفردوس ۾ مدني محبوب صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو پاڙو نصيب فرمائي ۽ مرحوم جي رشتيدارن ڪي صبرِ جميل ۽ صبرِ جميل تي اجرِ جَزيل عطا فرمائي.

**آمين بجاه النبي الامين** صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

www.dawateislami.net

عجب سرا ہے یہ دنیا یہاں پہ شام و سحر
کسی کی کُوچ کسی کا قیام ہوتا ہے

افسوس! سگِ مدينه پنهنجو پاڻ کي نيڪين کان پري ۽ گناهن سان پرپور ڏسي ٿو. ها، ربّ غفور عَزَّوَجَلَّ ان ڳالھ تي قادر ضرور آهي تہ گناهہ ۽ قصور کي نيڪين سان بدلائي ڇڏي. تنهن ڪري خداءِ مجيد مان اها ئي اميد آهي تہ اهو مون پاپي ۽ بدڪار جي گناهن کي پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ضرور نيڪين سان بدلائي ڇڏيندو ۽ انهيءَ اميد تي آءُ پنهنجي زندگيءَ جون سڀئي نيڪيون بارگاهِ مصطفوي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ نذر ڪري "**مرحوم محمد شان عطاري**" جي نذر ڪريان ٿو.

عجب دنيا دو رنگي آهي هڪ طرف ڪنهن جو جنازو ڪنيو ٿو وڃي جڏهن تہ ٻئي طرف ڪنهن کي گهوٽ بڻايو ٿو وڃي. هڪ طرف خوشيءَ جون شرنايون وڄي رهيون آهن تہ ٻئي طرف ڪنهن جي ميت تي هاءِ گهوڙا جو شور آهي.

www.dawateislami.net

نسیمِ صبح گلشن میں گلوں سے کھیلتی ہوگی
کسی کی آخری ہچکی کسی کی دل لگی ہوگی

**مرحوم محمد شان عطاري** جي ايصالِ ثواب جي خاطر گهر جو هر مرد (جنهن جي عمر ويھ سالن کان وڌيڪ هجي) گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو دعوتِ اسلامي جي ٽن ڏينهن واري مدني قافلي سان ضرور سفر اختيار ڪري. پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعي جي خدمت ۾ مدني التجا آهي.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے    مگر تجھ کر اندھا کیا رنگ و بو نے
کبھی غور سے یہ بھی دیکھا ہے تو نے    آباد تھے وہ مکاں اب ہیں سونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

والسلام مع الاکرام

30 محرم الحرام 1428 ھ

صلوا علی الحبيب!    صلی اللہ تعالی علی محمد

## اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ ۽ حسنِ اخلاق

حضرتِ سيّدنا ابوهريره رضی اللہ تعالی عنہ فرمائن ٿا تہ نُورِ مجسم، رسولِ محتشم صلی اللہ تعالی علیہ والہ وسلم کان ماڻهن کي ڪثرت سان **جنت** ۾ داخل ڪرڻ واري عمل جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ تعالی علیہ والہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ ”اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ ۽ حُسنِ اخلاق.“ پوءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ تعالی علیہ والہ وسلم کان ڪثرت سان جهنّم ۾ داخل ڪرڻ واري شيءِ جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ تعالی علیہ والہ وسلم جن فرمايو تہ وات ۽ شرم گاهہ.“

(الاحسان بترتيب صحيح ابنِ حبان، ڪتاب البر والاحسان، باب حسن الخلق، حديث 476، ج 1 ص 349)

گنہگارو چلو دوڑو کہ وقت آیا شفاعت کا
وہ کھولا نائبِ رحمٰن نے دروازہ جنّت کا

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# ڇهن شين جي ضمانت

حضرتِ سيّدُنا عُبَادہ بن صَامِت رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ سلطانِ بحروبر، مديني تاجوَر، محبوبِ ربّ اڪبر عزّوجلّ و صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو:"توهان مون کي ڇهن شين جي ضمانت ڏيو تہ آءٌ توهان کي جنّت جي ضمانت ڏيان ٿو، ﴿1﴾ جڏهن بہ ڳالهايو سچ ڳالهايو ﴿2﴾ جڏهن واعدو ڪريو تہ ان کي پوروڪريو ﴿3﴾ جڏهن امانت وٺو تہ ان کي ادا ڪريو.﴿4﴾ پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪريو. ﴿5﴾ پنهنجون نگاهون هيٺ رکندا ڪريو ﴿6﴾ پنهنجي هٿن کي روڪي رکو."

www.dawateislami.net

(الاحسان بترتيب صحيح ابنِ حبان، ڪتاب البر والصلة والاحسان ...الخ ، باب الصدق الخ، حديث 271 ، ج 1 ص 245)

ہم جائیں گے فردوس میں رِضوان سے یہ کہہ کر
روکو نہ ہمیں ہم ہیں غلامانِ محمد

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# پيٽ جو قفلِ مدينہ وغيره

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ خاتم المرسلين، رحمة للعٰلمين، شفيع المذنبين، انيس الغريبين،

سراج السالكين، محبوبِ رب العٰلمين عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم پنهنجي چؤڏاري وينل صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کي فرمايو، "توهان مون کي ڇهن شين جي ضمانت ڏئي ڇڏيو تہ مان توهان کي **جنت** جي ضمانت ڏئي ڇڏيندس." مون عرض ڪيو، "يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم اهي ڇهہ شيون ڪهڙيون آهن." ارشاد فرمايائون، "نماز ادا ڪرڻ، زڪوٰة ڏيڻ، امانت موٽائڻ،شرمگاهہ پيٽ ۽ زبان جي حفاظت ڪرڻ."

**(مجمع الزوائد ، باب فرض الصلوٰة ، حديث 1617 ، ج 2 ص 21)**

چار یاروں کا صَدُقہ شہا

خُلد میں جا عطا کیجئے

www.dawateislami.net

**(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ذڪر ڪيل روايت ۾ شرمگاهہ ۽ زبان سان گڏوگڏ پيٽ جي حفاظت جو ذڪر بہ آهي. علامہ عبد الرؤف مناوي عليه رحمة الله الهادي فيض القدير جلد 2 ص 121 تي لکن ٿا: پيٽ جي حفاظت جو مطلب اهو آهي تہ ان ۾ حرام کاڌو ۽ پاڻي نہ لاهيو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** "پيٽ جو قفلِ مدينہ" لڳائيندي يعني پنهنجي پيٽ کي حرام ۽ شبهات کاں بچائيندي حلال غذا بہ بُک کان گهٽ کائڻ ۾ دين ۽ دنيا جا بيشمار فائدا آهن. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه بُک جي فضائل جي باري ۾ "فيضانِ سنّت" (جلد پهريون تخريج شده) ۾

هڪ پورو باب "پيٽ جو قفلِ مدينه" رکيو آهي. اچو! ان مان ص 691 کان 694 تان ڪجهه روايتون ٻُڌو جيئن ته

## ٿلهو مڇر

**حضرتِ** سيّدُنا ربيع بن انس رَحۡمَۃُاللّٰہِتعالٰیعَلَیۡہِ فرمائن ٿا، "مڇر جيستائين ٻُکيو رهي ٿو ته جيئرو رهي ٿو ۽ جڏهن ڪائي پئي ڍؤ ڪري ته ٿلهو ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن ٿلهو ٿي وڃي ٿو ته مري وڃي ٿو. اهو ئي حال ماڻهوءَ جو آهي جو جڏهن هُو دنيا جي نعمتن کان مالا مال ٿيندو آهي ته ان جي دل مرده ٿي ويندي آهي. (تنبيه المغترين ص 54)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مڇر ته ٿلهو** ٿيندي ئي موت جي منهن ۾ هليو ويندو آهي ۽ خاڪ ۾ ملي ويندو آهي پر افسوس! انسان جڏهن **مٺارو** ٿي ويندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن قسمين قسمين آفتن کان دنيا ۾ ئي پريشان ٿيندو آهي ۽ مختلف قسمن جي گناهن ۾ پئجي **الله** ۽ **رسول** عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جي ناراضگيءَ جي صورت ۾ سڪرات ۽ قبر ۽ حشر جي سختين ۽ جهنّم جي درد ناڪ عذابن ۾ گرفتار ٿي ويندو آهي. جيئن ته

## مٺاري بدن جون آفتون

**حضرت** سيّدُنا يحيىٰ مُعاذ رازي رَحۡمَۃُاللّٰہِتعالٰیعَلَیۡہِ فرمائن ٿا، جيڪو پيٽ ڀري کائڻ جو عادي ٿي ويندو آهي ان جي بدن

تي **گوشت** وڌي ويندو آهي ۽ جنهن جي بدن تي گوشت وڌي وڃي ٿو، اهو **شهوت** (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو شهوت (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ان جا **گناهہ** وڌي ويندا آهن ۽ جنهن جا گناهہ وڌي ويندا آهن ان جي **دل** سخت ٿي ويندي آهي ۽ جنهن جي دل سخت ٿي ويندي آهي اهو **دنيا** جي آفتن ۽ رنگينين ۾ غرق ٿي ويندو.

**(المنبهات للعسقلاني باب الخماسي 59)**

کھانے کے حرص سے تو یارب نجات دیدے
اچھا بنا دے مجھ کو اچھی صفات دیدے

www.dawateislami.net

# پيٽو تي گناهن جي پرمار

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم ڍَڪَ ڀرڻ سخت گهٽيءَ جي ڳالهہ آهي جو پيٽ ڀري کائڻ گناهن ۾ انسان کي غرق ڪري ڇڏي ٿو. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا امام غزالي عليه رحمة الوالي ارشاد فرمائن ٿا گهڻو کائڻ سان عضون ۾ فتنو پيدا ٿئي ٿو ۽ فساد پيدا ڪرڻ ۽ اُڏنگو ڪم ڪرڻ جي دلچسپي پيدا ٿيندي آهي، ڇو تہ جڏهن انسان خوب پيٽ ڀري کائيندو آهي تہ ان جي جسم ۾ تڪبّر ۽ اکين ۾ **بدنگاهي** جي خواهش پيدا ٿيندي آهي ڪَنَ بُريون ڳالهيون ٻُڌڻ جا مشتاق رهندا آهن، زبان **فحش گوئي** تي آماده ٿيندي آهي، شرمگاهہ شهوت لاءِ اپاريندي آهي. پير ناجائز جڳهن ڏانهن

هلڻ جي لاءِ بيقرار ٿيندا آهن. ان جي ابتڙ جيڪڏهن انسان بُکيو هجي ته بدن جا سيئي عضوا پُرسڪون رهندا ۽ نه ئي ڪنهن بُرائيءَ جي لالچ ڪندا ۽ نه ئي بُرائي ڪي ڏسي ڪري خوش ٿيندا. حضرت استاد ابو جعفر عليه رحمة الله الاكبر جو ارشادِ گرامي آهي، "پيٽ جيڪڏهن بُکيو هجي ته جسم جا باقي عضوا سير يعني پُرسُڪون هوندا آهن، ڪنهن شيءِ جو مطالبو ناهن ڪندا ۽ جيڪڏهن پيٽ ڀريل هجي ته ٻيا عضوا بُکيا رهڻ جي سبب مختلف بُراين ڏانهن رجوع ڪندا آهن.

(منهاج العابدين الفصل الخامص البطن و حفظه ص 92)

## هلڪي بدن جي فضيلت

www.dawateislami.net

**حضرت** سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي، نبيّ ڪريم، رؤف رَّحيم عليه افضل الصلوٰة والتسليم ارشاد فرمايو، "الله عَزَّوَجَلَّ کي توهان مان سڀ کان وڌيڪ اهو ٻانهو پسند آهي جيڪو گهٽ ڪائڻ وارو خفيف (يعني هلڪي) بدن وارو آهي.

(الجامع الصغير ص 20 رقم الحديث 221)

## مرد ۽ عورت جو وزن ڪيترو هئڻ گهرجي

گهڻو ڪائڻ جي هڪ آفت جسم جو وزن وڌي وڃڻ ۽ ٻاهر پيٽ نڪري اچڻ به آهي ۽ اڄ وڏو تعداد هن مرض ۾ مبتلا آهي. وزن جو مقدار پنهنجي پنهنجي قد جي لحاظ سان هوندو آهي . وچولي قد (ساڍا پنج فٽ يعني 66 انچ) واري مرد

جو وزن 150 پاؤنڊ (يعني 68 ڪلوگرام) ۽ وچولي عورت (سوا پنج فٽ يعني 63 انچ) جو 130 پاؤنڊ ( يعني 59 ڪلوگرام) ڪان هرگز وڌڻ نہ گهرجي . پنهنجو قد ماپي ڏنل اندازي موجب جيڪو بہ چاهي پنهنجي وزن جو حساب لڳائي سگهي ٿو.

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# ڪنهن کان ڪجھ نہ گھرڻ

حضرتِ سيّدُنا ابو امامہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ سيد المبلغين ، رحمة للعٰلمين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جن ارشاد فرمايو ، "منهنجي بيعت ڪير ڪندو؟ تہ رسول الله عزوجل و صلی اللہ علیہ وسلم جي غلام حضرتِ سيّدُنا ثَوبان رضی اللہ تعالیٰ عنہ عرض ڪيو، "يا رسول الله عزوجل و صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم اسان ڪان بيعت وٺو." ارشاد فرمايائون، "ان ڳالھ جي تہ ڪنهن ڪان ڪجھ نہ گهرندؤ." حضرتِ سيّدُنا ثَوبان رضی اللہ تعالیٰ عنہ عرض ڪيو، "يا رسول الله عزوجل و صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم! جيڪو اها بيعت ڪري تہ ان ڇا ملندو؟" فرمايائون ، "**جنت** "تہ حضرتِ سيّدُنا ثَوبان رضی اللہ تعالیٰ عنہ بيعت ڪري ورتي. حضرتِ سيّدُنا ابُو اُمامہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا،"مون انهن کي مڪهٔ مڪرمه ۾ ماڻهن جي هڪ وڏي اجتماع ۾ ڏٺو تہ انهن جو چهبڪ هيٺ ڪري پيو ۽ اهي گهوڙي تي سوار هئا، اهو چهبڪ هڪ شخص جي ڪلهي تي ڪريو ان شخص اهو چهبڪ کين پيش ڪيو تہ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ نہ ورتائون بلڪ گهوڙي تان لهي پوءِ اهو چهبڪ ورتائون."

www.dawateislami.net

(طبراني كبير، حديث ج 8 ص 206)

بہت کمزور ہوں قابل نہیں ہرگز عذابوں کے

خُدارا ساتھ لیتے جانا جنّت یارسول اللہ

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

امير اهلسنّت دامت بركاتهم العاليه اسان كي هرويرو سوال كان بچائڻ چاهين ٿا، جيئن تہ مدني انعام نمبر25 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: ڇا اڄ توهان **ٻين** كان **ٿوري كري شيون** (مثال طور چادر، فون، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ كيون؟ (ٻين كان سوال كرڻ مروت جي خلاف آهي. ضرورت جي شيءِ نشاني لڳائي پاڻ وٽ حفاظت سان ركو)

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

www.dawateislami.net

# مسلمان سان ڀلائي

حضرت سيّدُنا ابو سعيد خُدري رضی اللہ تعالیٰ عنہ كان روايت آهي تہ حضور پُرنور، شافعِ يومُ النُّشُور صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: "جيكو مسلمان پنهنجي كنهن مسلمان ڀاءُ جي اوگهڙ كي ڍكيندو، **الله** عزوجل ان كي **جنت** جو سائو لباس پارائيندو ۽ جيكو كنهن بُكايل مسلمان كي ڍؤ كرائيندو **الله** عزوجل ان كي **جنت** جو پاكيزه شراب پيئاريندو."

(ترمذي، كتاب صفة القيامة، باب 18 ، حديث 2457، ج4 ص 204)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# صدقو ۽ قرض

حضرتِ سيّدُنا ابُو اُمامہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ سيّدالمبلغين، رحمة للعٰلمين صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: “هڪ شخص **جنت** ۾ داخل ٿيو ان **جنت** جي دروازي تي لکيل ڏٺو تہ صدقي جو ثواب ڏهوڻ آهي ۽ قرض جو ارڙهوڻ.” (المعجم الكبير ، حديث 7976، ج8 ص 249)

**الحمدلله** عزّوجلّ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت بركاتهم العاليه جي عطا ڪيل **مدني انعامات** ۾ قرض جي باري ۾ بہ تمام پيارو مدني انعام سوال جي صورت ۾ موجود آهي جيئن تہ مدني انعام نمبر 41 ۾ ارشاد فرمائن ٿا:اڄ توهان قرض هجڻ جي صورت ۾ (استطاعت هوندي) قرض ڏيندڙ جي اجازت کانسواءِ قرض جي ادائگيءَ ۾ دير تہ ڪانہ ڪئي؟ ۽ پڻ ڪنهن کان اُڌاري (عارضي طور تي ورتي هجي تہ) ورتل شيءِ ضرورت پوري ٿيڻ تي مقرر وقت جي اندر واپس ڪري ڇڏي؟

اللہ کی رحمت سے تو جنّت ہی ملے گی
اے کاش! مَحَلّے میں جگہ اُنکے مِلی ہو

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# روزو

حضرتِ سيّدُنا سهل بن سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي رحمتِ عالم، نُورِ مجسم، شاهِ بني آدم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، “بيشڪ جنّت ۾ هڪ دروازو آهي جنهن جو نالو ريّان آهي، ان دروازي مان رُڳو روزيدار داخل ٿيندا، انهن کانسواءِ ڪو داخل نہ ٿي سگهندو، جڏهن ٻيا ماڻهو ان ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا تہ اهو دروازو بند ٿي ويندو ۽ ان ۾ داخل نہ ٿي سگهندا. ” (مسلم، ڪتاب الصيام، باب فضل الصيام 1152، ص 581)

www.dawateislami.net

خُلد میں ہوگا ہمارا داخِلہ اِس شان سے
یارسول اللہ کا نعرہ لگاتے جائیں گے

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ سيّدي و مرشدي، عاشقِ رسولِ عربي، محب هر سيّد و صحابي و ولي، سنّتن جي داعي، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برڪاتهم العاليه ڪجهہ ڏينهن کان علاوه سڄو سال ئي نفلي روزا رکندا آهن ۽ پنهنجي بيانن ۽ تحريرن ۽ انفرادي ملاقات ۾ ان جي ترغيب بہ ڏياريندا آهن، جيئن تہ مدني انعام نمبر 58: ۾ ارشاد فرمائن ٿا. ڇا توهان هن هفتي سومر شريف (يا رهجي وڃڻ جي صورت ۾ ڪنهن بہ ڏينهن) جو روزو

رکيو؟ ۽ پڻ هن هفتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن ڪاڏي ۾ **جو** **شريف** جي ماني ڪاڏي؟

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# ڪلمو، روزو ۽ صدقو

حضرتِ سيّدُنا حُذيفه رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي، رسول الله عزوجل و صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن صرف الله عزوجل جي رضا جي لاءِ ڪلمو پڙهيو اهو **جنت** ۾ داخل ٿيندو ۽ ان جو خاتمو بہ ڪلمي تي ٿيندو ۽ جنهن ڪنهن ڏينهن الله عزوجل جي رضا جي لاءِ **روزو** رکيو تہ ان جو خاتمو بہ ان تي ٿيندو ۽ اهو **جنت** ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن الله عزوجل جي رضا جي لاءِ صدقو ڪيو ان جو خاتمو بہ ان تي ئي ٿيندو ۽ اهو **جنت** ۾ داخل ٿيندو. (مسند امام احمد ج 9 ص 90 حديث 23384)

تھے گُنہ حد سے سِوا سگِ عطّار کے
اُنکے صدقے پھر بھی جنّت مِل گئی

# رمضان جي راتين ۾ نماز

حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي تہ ”جيڪو مؤمن ٻانهو رمضان جي ڪنهن رات ۾ نماز پڙهي ٿو تہ الله عزوجل ان جي هر سجدي جي عيوض ان جي لاءِ پندرهن سؤ نيڪيون لکندو آهي ۽ ان جي لاءِ ڳاڙهي ياقوت جو هڪ محل ٺاهيندو آهي جنهن جا سٺ هزار

www.dawateislami.net

دروازا هوندا آهن ۽ هر دروازي تي سون جي چمڪ دمڪ هوندي ۽ ان تي ڳاڙها ياقوت جڙيل هوندا.“

صلوا علی الحبيب! صلی اللہ تعالٰی علی محمد

## حج ۽ عمري جي سفر ۾ فوتگي

اُمُّ الْمُؤمِنِيْن حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رضی اللہ تعالٰی عنھا کان روايت آهي تہ نُور جي پيڪر، سڀني نبين جي سروَر، ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطان بحر و بَر صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم جن ارشاد فرمايو، ”جيڪو ان طرف حج يا عمري ڪرڻ نڪتو پوءِ رستي ۾ ئي مري ويو تہ ان کان ڪو سوال نہ ڪيو ويندو ۽ نہ ئي ان جو حساب ٿيندو ۽ ان کي چيو ويندو تہ **جنت** ۾ داخل ٿي وڃ.“ (المعجم الاوسط ، حديث 5388، ج 4 ص 111)

www.dawateislami.net

میری سرکار کے قدموں میں ہی اِنْ شَآءَ اللّٰہ
میرا فردوس میں عطارؔ ٹھکانہ ہوگا

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صلوا علی الحبيب! صلی اللہ تعالٰی علی محمد

## راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جو مسافر

حضرتِ سيّدُنا ابو دَرْدَاء رضی اللہ تعالٰی عنہ کان مروي آهي تہ قاسمِ نعمت، مالڪِ جنّت، سراپا جود و سخاوت، محبوبِ ربّ الْعزّت عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم جن ارشاد فرمايو، ”اللہ عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ٻانهي جي پيٽ ۾ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جو غبار ۽ جهنّم جو

دونهون گڏ نہ فرمائيندو ۽ جنهن جا پير راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ مٽي هاڻا ٿي وڃن الله عَزَّوَجَلَّ ان جي سڄي جسم کي جهنّم تي حرام فرمائي ڇڏيندو ۽ جنهن راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ هڪ ڏينهن روزو رکيو الله عَزَّوَجَلَّ ان کان جهنّم کي تيز رفتار سوار جي هڪ هزار سال جي مسافت تائين پري فرمائيندو ۽ جنهن کي راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ هڪ زخم لڳندو ان تي شهيدن جي مُهر لڳائي ويندي، جيڪا قيامت جي ڏينهن ان جي لاءِ نُور هوندي، ان جو رنگ زعفران جيان ۽ خوشبو مُشڪ جيان هوندي، ان مُهر جي ڪري اولين و آخرين سڃاڻيندا ۽ چوندا فلاڻي تي شهيدن جي مُهر لڳل آهي ۽ جيڪو ڏاچيءَ کي ٻہ ڀيرا ڏهڻ جي وچ واري وقت تائين راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد ڪري ان تي **جنت** واجب ٿي ويندي آهي."

www.dawateislami.net

(مسند احمد ابي الدرداء ، حديث 27573، ج 10 ص 420)

کرم سے خُلد میں عطّار جس دم جا رہے ہوں گے
شیاطیں دیکھتے ہوں گے سبھی مُڑ مُڑ کے حسرت سے

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

عالمِ شريعت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جو جذبو کڻي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن کان تمام گهڻو خوش ٿيندا ۽ دعائن سان نوازيندا آهن، جيئن تہ فرمائن ٿا.

اپنی ساری نیکیاں عطار نے کیں اُس کے نام
بارہ مدنی قافلوں میں جو کوئی کرلے سفر

مدني انعام نمبر 60: ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا توهان هن مهيني جدوَل جي مطابق گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن مدني قافلي ۾ سفر فرمايو؟ مدني انعام نمبر 67 : ڇا توهان هن سال جدوَل جي مطابق لاڳيتو 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر فرمايو؟ (۽ پڻ زندگيءَ ۾ لاڳيتو 12 مهينن جي مدني قافلي ۾ سفر جون نيّتون بہ فرمايون)

**دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ واري خوشنصيب اسلامي ڀائرن جي مدني بهارن مان هڪ بهار ملاحظہ فرمايو ۽ هٿوهٿ مدني قافلي جي تياري ڪريو جيئن تہ "فيضانِ سنّت" (جلد پهريون تخريج شده) ۾ باب المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي،

www.dawateislami.net

## ماءُ ڪٽ تان اٿي ويهي رهي!

**منهنجي** ماءُ سخت بيماري جي سبب کٽ تان اٿڻ کان بہ لاچار ٿي ويئي هئي ۽ ڊاڪٽرن بہ جواب ڏئي ڇڏيو هو. مان ٻُڌندو هوس تہ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن جي تربيت جي **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ سان دعائون قبول ٿينديون آهن ۽ بيماريون دور ٿينديون آهن، آخر مون بہ دل ٻَڌي **دعوتِ اسلامي** جي نور وسائيندڙ عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** جي اندر قائم مدني تربيت گاهہ ۾ حاضر ٿي ڪري ٽَن ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر جو ارادو ظاهر ڪيو، اسلامي ڀائر نهايت شفقت ۽

محبت سان پيش آيا، عاشقانِ رسول سان گڏ اسان جو **مدني قافلو باب الاسلام** سنڌ جي صحراءِ مدينه جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ پهتو سفر جي دوران **عاشقانِ رسول** جي خدمت ۾ دعا جي درخواست ڪندي مون امڙ جي ڳُٽَّتيءَ جوڳي حالت بيان ڪئي ان تي انهن امڙ لاءِ خوب دعائون ڪندي مون کي ڪافي دلجاءِ ڏني، اميرِ قافله تمام نرمي سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي مونکي وڌيڪ 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ تيار ڪيو، مون به نيّت ڪري ڇڏي. مون امڙ جي صحتيابي جي لاءِ خوب ٻاڏائي دعائون گهريون. ٽن ڏينهن جي ان مدني قافلي جي ٽين رات مون کي هڪ روشن چهري واري بزرگ جي زيارت ٿي، انهن فرمايو، "پنهنجي ماءُ جو فڪر نه ڪريو ان شاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هوءَ صحتياب ٿي ويندي." ٽن ڏينهن جي مدني قافلي کان فارغ ٿي ڪري مون گهر اچي دروازو کڙڪايو، **دروازو کليو ته مان حيرت ۾ پئجي ويس ڇو ته منهنجي اها بيمار امڙ جيڪا ٽنڊ نان اٿي نه سگهندي هئي ان پنهنجي پيرن سان اچي ڪري دروازو کوليو هو!** مون خوشيءَ وچان ماءُ جا پير چُمي ورتا ۽ مدني قافلي ۾ ڏٺل خواب ٻُڌايو ،پوءِ ماءُ کان اجازت وٺي وڌيڪ 30 ڏينهن جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر تي روانو ٿي ويس .

(فيضانِ سنّت جلد پهريون باب "آدابِ طعام" ص 212)

ماں جو بیمار ہو قرض کا بار ہو رنج وغم مت کریں قافلے میں چلو
رب کے در پر جھکیں التجائیں کریں باب رحمت کھلیں قافلے میں چلو
دل کی کالک دھلے مرض عصیاں ٹلے آؤ سب چل پڑیں قافلے میں چلو

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# قرآن پڙهڻ وارو

حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن عَمرو بن عاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ نبين جي سلطان، رحمتِ عالميان، سروَرِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، ”قرآن پڙهڻ واري کي چيو ويندو تہ قرآن پڙهندو وڃ ۽ جنت جا درجا طئي کندو وڃ ۽ ڍرو ڍرو پڙهہ جيئن تون دنيا ۾ ڍرو ڍرو پڙهندو هئين تون جتي آخري آيت پڙهندين اتي تنهنجو نڪاڻو ٿيندو.“

(سنن ابي داود، كتاب الوتر، باب استحباب الترتيل في القراءة، حديث 1464، ج 2 ص 104)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرتِ سيّدُنا ابو سليمان خطابي عليه رحمة الغني ”**معالم السنن**“ ۾ فرمائن ٿا تہ روايتن ۾ آيو آهي تہ قرآن جي آيتن جو تعداد جنّت جي درجن جي برابر آهي تنهن ڪري قاري کي چيو ويندو تہ تون جيتريون آيتون پڙهي سگهين ٿو اوترا درجا طئي کندو وڃ تہ جيڪو ان وقت سڄو قرآن پڙهي وٺندو اهو جنت جي انتهائي درجي کي ماڻي وٺندو ۽ جنهن قرآن جو ڪو حصو پڙهيو تہ ان جي ثواب جي انتها قراءت جي انتها تائين هوندي.“

والله اعلم بالصواب

يانبی عطارؔ کو جنّت میں دے اپنا جوار
وَاسِطَہ صدِّیق کا جو تیرا یارِ غار ہے

(ارمغانِ مدینہ، از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

**جنت** جي لازوال نعمتن جا طلبگار اسلامي ڀائرو! **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي بَرَڪت سان قرآن پاڪ جي تعليمات عام ٿي رهي آهي. اهو بيان ڏيڻ تائين اٽڪل641 مدارس المدينہ قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ پنجاهہ هزار (50،000) کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم حاصل ڪري رهيون آهن.

عاشقِ اعليٰ حضرت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه دعوتِ اسلامي جي 41 منٽن جي مدرسة المدينہ بالغان ۾ قرآنِ پاڪ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ انفرادي طور تي ان جي تلاوت ڪرڻ جي تاڪيد فرمائيندا رهندا آهن. مدني انعام نمبر 3 : ۾ ارشاد ٿئي ٿو: ڇا توهان اڄ پنج وقتہ نماز کان پوءِ ۽ سمهڻ وقت گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو **آية الكرسي**، **سورة الاخلاص** ۽ **تسبيح فاطمہ** رضی اللہ تعالیٰ عنہا پڙهي؟ ۽ پڻ رات جو **سورة الملک** پڙهي يا ٻُڌي ورتي؟ مدني انعام نمبر 13 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: ڇا اڄ توهان مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ ۽ پڻ پاڙي واري مسجد ۾ سومهڻيءَ جي جماعت جي وقت کان ٻن ڪلاڪن جي اندر اندر گهر پهچي ويؤ؟

صلوا على الحبيب!　　　　صلى الله تعالى على محمد

## ذکر الله عَزَّوَجَلَّ جا حلقا

حضرتِ سيّدُنا انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہءِ منوره، سردارِ مڪہءِ مڪرمہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد

www.dawateislami.net

فرمايو، "جڏهن توهان جو گذر **جنت** جي باريءَ وٽان ٿئي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ چوندي ونندا ڪريو." صحابهءِ ڪرام عليهم الرضوان عرض ڪيو، "**جنّت جو باريون ڇا آهن**" ارشاد فرمايائون"ذڪر جا حلقا."

**(ترمذي، ڪتاب الدعوات، باب 87، حديث 3521، ج 5 ص 304)**

شہا جب خُلد میں آپ آگے آگے جائیں اُس دم کاش!

میں بھی ہو جاؤں پیچھے پیچھے داخِل یارسول اللہ

(ارمغانِ مدینہ، از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

**جنت** جي بارين جا طلبگار اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي بين الاقوامي، صوبائي سطح، هفتيوار(جمعرات، مسجد اجتماع) ۽ وڏين راتين جي اجتماع ذڪر و نعت ۾ وقت جي پابنديءَ سان اول کان آخر تائين شرڪت جي سعادت حاصل ڪندا ڪريو، نہ رُڳو اڪيلا بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن تي بہ انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ ساڻ آڻيندا ڪريو. مالڪِ جنّت، قاسمِ نعمت، مصطفيٰ جانِ رحمت صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي صدقي **جنت** جون بهارون ڏسڻ نصيب ٿي وينديون ان شآءَ الله عزوجل . پيڪرِ علم و حڪمت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ دعوتِ اسلامي جي اجتماعن جي ترغيب ڏياريندا آهن جيئن تہ مدني انعام نمبر 51 : ۾ ارشاد ٿئي ٿو. ڇا توهان هن هفتي اجتماع ۾ شروع کان ئي شريڪ ٿي (جيترو ويهي سگهيؤ اوتري دير) التحيات جي حالت ۾ ويهي نگاهون هيٺ ڪري هر بيان، ذڪر، دعا ۽ ٻيني صلوٰة وسلام ۾ شرڪت ۽ مسجد ۾ (تهجد، نماز فجر، اشراق،

www.dawateislami.net

چاشت جي حلقي سميت) سڄي رات اعتڪاف فرمايو؟ مدني انعام نمبر 56 : ۾ ارشاد ٿئي ٿو. ڇا توهان هن هفتي علائقائي مسجد اجتماع ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ نئي اسلامي ڀاءُ کي ساڻ وٺي اچي اول کان آخر تائين شرڪت فرمائي؟

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جا ڪلما

حضرتِ سيُّدنا ابنِ عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي ته ڏکويل دلين جي چين، سروَرِ ڪونين ، نانا۶ حسنين صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم و رضی اللہ تعالیٰ عنہما جن ارشاد فرمايو: "جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ

www.dawateislami.net

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَاشَرِيۡکَ لَهٗ لَهُ الۡمُلۡکُ وَلَهُ الۡحَمۡدُ يُحۡيِ وَيُمِيۡتُ وَهُوَ الۡحَيُّ الَّذِيۡ لَا يَمُوۡتُ بِيَدِهِ الۡخَيۡرُ وَهُوَ عَلٰى کُلِّ شَيۡءٍ قَدِيۡرٌ

چوندو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهي ڪلما پڙهڻ جي ڪري جنتِ نعيم ۾ داخل فرمائيندو. (مجمع الزوائد، كتاب الاذكار ، باب ماجاء في لا اله الا الله وحدو لاشريک له ، حديث 16825، ج 10 ص 95)

تمھارا ہوں غلام اور ہے غلامی پر مجھے تو ناز
کرم سے ساتھ جنّت میں چلوں گا یارسول اللہ

(ارمغانِ مدینہ، از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# لاحول شريف جي ڪثرت

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان مروي آهي تہ شهنشاهِ ابرار، جنابِ احمدِ مختار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "لاحول ولا قوة الابا لله جي ڪثرت ڪندا ڪريو ڇوتہ اهو جنت جي خزانن مان هڪ خزانو آهي."

قسمت میں غمِ دُنیا جنّت کا قبالہ ہو

تقدیر میں لکھا ہو جنّت کا مزہ کرنا

(سامانِ بخشش از شہزادہ اعلیٰ حضرت مصطفیٰ رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## درود شريف

www.dawateislami.net

حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان مروي آهي تہ حضورِ انور، شافعِ محشر، مديني جي تاجوَر، باذنِ ربِّ اڪبر، غيبن ڪان باخبر، محبوبِ داوَر عزّوجلّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "جنهن مسلمان وٽ صدقو ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ هجي ان کي کپي تہ پنهنجي دعا ۾ هي ڪلما چوندو ڪري

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِکَ وَرَسُوْلِکَ وَصَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَات

**ترجمو**: اي الله عزّوجلّ پنهنجي ٻانهي ۽ رسول حضرتِ محمد صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم تي رحمت نازل فرماءِ، مؤمنين و مومنات ۽ مسلمان مردن ۽ عورتن تي رحمت نازل فرماءِ." ڇوتہ اها زڪوٰة آهي ۽ مؤمن ڪڏهن بہ

خير(يعني ڀلائيءَ) کان ڏؤ ناهي ٿيندو ايتري تائين جو **جنت** ان جو نڪاڻو نہ ٿيندو آهي.”

(الاحسان بترتيب صحيح ابنِ حبان كتاب الرقائق، باب الادعية، رقم 900، ج 2 ص 130)

منتظر ہیں جنتیں اُس کے لیے
وِرد ہے حس کا ثنائے مصطفٰے
(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ عاشقِ مهرِ رسالت، اميرِ اهلسنّت دامت بركاتهم العاليه پنهنجي تحريرن، بيانن ۾ انفرادي طور تي درود شريف جي ڪثرت ڪندا آهن ۽ ان جي ترغيب بہ ڏياريندا آهن ۽ مدني انعام نمبر 5 : ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان پنهنجي شجري جا ڪجھ نہ ڪجھ اوراد ۽ گهٽ ۾ گهٽ 313 ڀيرا درود شريف پڙهي ورتا؟

www.dawateislami.net

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

# ڀيءُ ماءُ جي خدمت

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، شهنشاهِ ابرار صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو،“ان جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي وري ان جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي.” عرض ڪيو ويو، “**يا رسول الله** عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ڪنهن جو؟ فرمايائون،“جيڪو پنهنجي ڀيءُ ماءُ يا انهن مان ڪنهن هڪ کي ڪراڙپ ۾ ڏسي ۽ (انهن جي خدمت ڪري) **جنت** ۾ داخل نہ ٿي سگهي.”

(صحيح مسلم،كتاب البر والصلة، باب رغم من ادرك ابويه، حديث 651، ص 1126)

عفو کر اور سدا کے لیے راضی ہوجا
گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یاربّ

(ارمغانِ مدینہ، از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

پيءُ ماءُ جي حقن جي باري ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جو رسالو "سمندري گنبذ" مکتبة المدينہ جي کنهن بہ شاخ تان هديو ڏئي حاصل کري جيئن ئي واندڪائيءَ ملي ان جو ضرور مطالعو ڪريو. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان جي دل پيءُ ماءُ جي خدمت جي جذبي سان سرشار ٿي ويندو. اچو! دعوتِ اسلامي جي هڪ مجلس "المدينة العلميہ" جو پيش ڪيل رسالو "گونگا مبلغ" مان رسالي "سمندري گنبد" جي هڪ نرالي بهار ٻڌو، الحمدلله عَزَّوَجَلَّ 30 جولاءِ 2007 سومر شريف گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن جو سنّتن ڀريو اجتماع جامع مسجد غوثيہ شيخوپوره (پنجاب) ۾ منعقد ٿيو. ان علائقي ۾ گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن جو ڪم شروع ٿيندي گهڻو عرصو نہ گذريو هو پر اسلامي ڀائرن جي **انفرادي ڪوشش** جي برڪت سان اجتماع ۾ گهڻي تعداد ۾ گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن شرڪت ڪئي.

دعوتِ اسلامي جي مبلغ شيخ طريقت، امير اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جي رسالي "سمندري گنبد" جي مدد سان اشارن

www.dawateislami.net

جي زبان ۾ بيان ڪيو. اهو رسالو پيءُ ماءُ جي اطاعت جي موضوع تي پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پيءُ ماءُ جي اطاعت جي فضيلت ۽ نافرمان اولاد تي عذاب جو تذڪرو اشارن جي زبان ۾ ٻُڌي ڪري گونگا ٻوڙا اسلامي ڀائر روئڻهارڪا ٿي ويا. اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جي قلم سان لکيل لفظن جو اثر هيو جو اتي موجود ڊيف ڪلب جو صدر پنهنجي جذبات جهلي نہ سگهيو. هو بيان جي دؤران اٿيو ۽ مبلغ کي ڀاڪر پائي روئڻ لڳو. بهرحال رقت انگيز ماحول ۾ بيان جاري رهيو. اجتماع ڪان پوءِ جڏهن اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه ڪان مُريد ٿيڻ جي لاءِ نالي لکڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ ائين لڳي رهيو هو جڻ هر گونگو چاهي پيو تہ اڄ ۾ پنهنجو پاڻ کي عطاري رنگ ۾ رنگي ڇڏيان. اجتماع ۾ شريڪ اسلامي ڀائرن نمازن جي پابندي ۽ اجتماعن ۾ شرڪت جي نيّت ڪرڻ سان گڏوگڏ باقي زندگي الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۾ گذارڻ جو پڪو ارادو ڪيو. ان اجتماع ۾ موجود چار بدمذهب گونگن ٻوڙن بہ توبهہ ڪئي ۽ اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه ڪان مريد ٿي ”عطاري“ بڻجي ويا.

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## صلہ رحمي

هڪ روايت ۾ آهي تہ شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، ”۽ رشتيدارن سان صلہ رحمي ڪريو.“ جڏهن اهو (اچڻ وار) موٽي ويو تہ رسول

www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "مون ان کي جنهن شيءِ جو حڪم ڏنو آهي جيڪڏهن هو ان تي عمل ڪري ته

صلہ رحمي جي خوفناڪ انجام ۽ مسلمانن جو احترام ڪرڻ جي فضائل وغيره ڪان آگاهي حاصل ڪرڻ جي لاءِ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جا رسالا "ظلم کا انجام" احترامِ مسلم" ۽ ڪيسيٽ بيان "رشتیداری کاٹنا حرام ہے" مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪريو ۽ ان مان فائدو حاصل ڪريو.

**جنت** ۾ داخل ٿيندو." حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ نبيِّ رحمت، شفيع امّت صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "جنهن ۾ ٽي خوبيون هونديون، الله عَزَّوَجَلَّ ان جو حساب آسانيءَ سان وٺندو ۽ ان کي پنهنجي رحمت سان جنّت ۾ داخل فرمائيندو." صحابہ ڪرام عليهم الرضوان عرض ڪيو، "يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم اهي خصلتون ڪهڙيون آهن؟" فرمايائون، "جيڪو توهان کي محروم ڪري توهان ان کي عطا ڪريو ۽ جيڪو توهان سان تعلق ٽوڙي توهان ان سان تعلق جوڙيو ۽ جيڪو توهان تي ظلم ڪري ان کي مُعاف ڪري ڇڏيو، جڏهن توهان اهي عمل پورا ڪندؤ تہ الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي **جنت** ۾ داخل فرمائي ڇڏيندو." (المستدرک، کتاب التفسير، باب ثلاث من کن فيہ..الخ، حديث 2968، ج 3 ص 362)

مُفلسو اُن کی گلی میں جا پڑو
باغِ خلد اکرام ہو ہی جائے گا

(حدائقِ بخشش از امامِ اہلسنّت علیہ رحمۃ ربّ العزت)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

# ڀينرن ۽ ڌيئرن جي پرورش

حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ سروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ ”جنهن جون ٽي ڌيئرون يا ٽي ڀينرون هجن يا ٻہ ڌيئرون يا ٻہ ڀينرون هجن پوءِ هو انهن جي چڱي نموني پرورش ڪري ۽ انهن جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندو رهي تہ ان جي لاءِ **جنت** آهي.“ (جامع الترمذي،ڪتاب البرالصلة، حديث 1923،ج 3 ص 367)

هڪ روايت ۾ آهي تہ ”جنهن جون ٽي ڌيئرون يا ٽي ڀينرون هجن ۽ هو انهن سان سهڻو سلوڪ ڪري تہ اهو **جنت** ۾ داخل ٿيندو.“

(جامع الترمذي، ڪتاب البر القلة، باب ما جاء في النفقة حديث 1919، ج 3 ص 366)

www.dawateislami.net

هڪ روايت ۾ آهي تہ ”پوءِ هو انهن جي سٺي تربيت ڪري ۽ انهن سان سٺو سلوڪ ڪري تہ ان جي لاءِ **جنت** آهي.(ماخوذ از جامع الترمذي، ڪتاب البر القلة، باب ما جاء في النفقة..الخ حديث 1919، ج 3 ص 366)

باغِ جنّت میں چلے جائیں گے بے پُوچھے ہم
وقف ہے ہم سے مساکین پہ دولت اُن کی

(ذوقِ نعت از حسن رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن)

**صلوا على الحبيب!** **صلى الله تعالى على محمد**

# يتيم جي ڪفالت

حضرت سيّدُنا جابر رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ صاحبِ قرآن، محبوبِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "جنهن ڪنهن يتيم يا محتاج جي ڪفالت ڪئي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجي عرش جي ڇانوَ ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو ۽ **جنت** ۾ داخل فرمائيندو."

(مجمع الزوائد، ڪتاب الجنائز، باب تجهيز الميت..الخ حديث 4066، ج3 ص 114)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

حضرتِ سيّدُنا سهل بن سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ سرڪارِ نامدار، باذن پروردگار، غيبن تي خبردار صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "مان ۽ يتيم جي ڪفالت (يعني ذميواري) ڪرڻ وارو جنّت ۾ هيئن هونداسين." پوءِ پنهنجي شهادت ۽ وچ واري آڱر ڏانهن اشارو ڪندي انهن ٻنهي کي کولي ڇڏيائون. (صحيح بخاري، ڪتاب الادب، حديث 6005، ج 4 ص 102)

یہ بے کھٹکے گنہگاروں کا داخل خُلد میں ہونا
کرِشمہ ہے رسولُ اللہ کی چشمِ کرامت کا

(قبالۂ بخشش از خلیفہ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# مريض جي عيادت

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي نبي ڪريم، رؤف رحيم، محبوبِ رب عظيم عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

www.dawateislami.net

جن ارشاد فرمايو: "جيڪو ڪنهن مريض جي عيادت ڪري ٿو يا الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پنهنجي ڪنهن اسلامي ڀاءُ سان ملڻ وڃي ٿو ته هڪ مُنادي ان کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته "خوش ٿي وڃ ڇوته تنهنجو اهو هلڻ مبارڪ آهي ۽ تو جنت ۾ پنهنجو نڪاڻو ٺاهي ورتو آهي."

**(جامع الترمذي،ڪتاب البر والصلة ماجاء في زيارة الاخوان، حديث 2015، ج 3 ص 406)**

جسے چاہیں بخشیں کہ خُلد وجِناں میں
خُدا کی قسم دخلِ سرکار ہوگا

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

صاحبِ خوف و خشيت، اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليه** مريضن ۽ ڏڪويل اسلامي ڀائرن جي غمخواري جي تاڪيد ڪندي مدني انعام نمبر 53 ۾ ارشاد فرمائن ٿا. ڇا توهان هن هفتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ مريض يا ڏڪويل جي گهر يا اسپتال وڃي ڪري سنّت جي مطابق غمخواري ڪئي؟ ۽ ان کي تحفو(توڙي مڪتبة المدينه جو شايع ڪيل رسالو يا پمفليٽ) پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ تعويذاتِ عطاريه جي استعمال جو مشورو ڏنو؟

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ملاقات

حضرتِ سيّدُنا انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم جن ارشاد فرمايو ته: "ڇا مان توهان کي نه ٻڌايان ته توهان مان ڪير جنّت ۾

ويندو؟" اسان عرض ڪيو، "يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ضرور ٻُڌايو." فرمايائون ته "نبي جنت ۾ ويندو، صديق جنت ۾ ويندو ۽ اهو شخص جنت ۾ ويندو جيڪو رُڳو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ پنهنجي ڪنهن ڀاءُ سان ملڻ شهر جي آسپاس وڃي." (المعجم الاوسط، حديث 1743، ج 1 ص 472)

فہرست کُھلی جس دم جنّت میں پہنچنے کی

پہلے ہی نِکل آیا نمبر تیری اُمت کا

(قبالۂ بخشش ازخلیفہ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

صلوا علی الحبيب! صلی الله تعالی علی محمد

ڪيتريقدر سعادت مند آهن اهي اسلامي ڀائر جيڪي ڳوٺن جي آسپاس ۾ مدني قافلي، بيان، علائقائي دؤرو بُراءِ نيڪيءَ جي دعوت، مدني مشوري ۽ بين الاقوامي يا صوبائي اجتماع جي دعوت وغيره جي لاءِ سفر اختيار ڪندا آهن ۽ پڻ پنهنجي حلقي ۽ علائقي وغيره ۾ 12 مدني ڪمن ۾ شريڪ ٿي انفرادي ڪوشش ڪندا رهن ٿا جيئن ته شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه ارشاد فرمائن ٿا: مدني انعام نمبر 22 : ڇا توهان گهٽ ۾ گهٽ ٻن اسلامي ڀائرن کي **انفرادي ڪوشش** جي ذريعي مدني قافلي ۽ مدني انعامات ۽ ٻين مدني ڪمن جي ترغيب ڏياري؟ مدني انعام نمبر 52 : ڇا توهان هن هفتي اجتماع کان پوءِ جلدي پاڻ اڳتي وڌي انفرادي ڪوشش ڪندي نوَن نوَن اسلامي ڀائرن سان ملاقات جو شرف حاصل ڪري انهن جو نالو، پتو ۽ فون نمبر حاصل ڪيو؟ (گهٽ ۾ گهٽ ڇئن سان ملاقات ۽ گهٽ

www.dawateislami.net

۾ گهٽ هڪ جو پتو ضرور ونو پوءِ انهن سان رابطو بہ ڪيو) مدني انعام نمبر 61 : ڇا هن مهيني توهان جي **انفرادي ڪوشش** سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ اسلامي ڀاءُ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪيو؟ ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ **مدني انعامات** جو رسالو جمع ڪرايو؟

اڇو فيضان سنّت (جلد پهريون تخريج شده) جي باب "**فيضانِ بسم اللّٰه**" ص 29 تان انفرادي ڪوشش جي بهار ملاحظہ فرمايو. جيئن تہ شيخ طريقت، امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ لکن ٿا،

# ڊرائيور تي انفرادي ڪوشش

هڪ عاشقِ رسول مون کي هڪ لکيل واقعو ڏنو هو، ان جو خلاصو پنهنجي انداز ۽ لفظن ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو."دعوتِ اسلامي جي مدني مرڪز **فيضان مدينه** (باب المدينه ڪراچي) ۾ **جمعي جي رات ٿيڻ واري** هفتيوار سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ مختلف علائقن کان ڀرجي آيل مخصوص بسيون واپسيءَ جي انتظار ۾ جتي بيهنديون آهن، اتان گذريس تہ ڇا ٿو ڏسان جو هڪ خالي بس ۾ گانا وڄي رهيا آهن ۽ ڊرائيور چرس جا سُوٽا هڻي رهيو آهي، مون وڃي ڊرائيور سان محبت ڀريئي انداز ۾ ملاقات ڪئي،الحمدللّٰه عَزَّوَجَلَّ ملاقات جون برڪتون فوراً ظاهر ٿيون ۽ هن پنهنجو پاڻ گانا بند ڪري ڇڏيا ۽ چرس وارو سگريٽ بہ وسائي ڇڏيو مان مُرڪندي

www.dawateislami.net

سنّتن ڀرئي بيان جي ڪيسيٽ **"قبر ڪي پهلي رات"** ان کي پيش ڪئي، ان انهيءَ وقت ئي ٽيپ ۾ لڳائي ڇڏي. مان به گڏ ويهي ٻڌڻ لڳس جو ٻين کي بيان ٻڌائڻ جو مفيد طريقو اهو ئي آهي ته پاڻ به گڏ ويهي ٻڌي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ ان تمام سٺو اثر ورتو، ۽ گهٻرائجي گناهن کان توبه ڪيائين ۽ گاڏيءَ مان نڪري مون سان گڏ اجتماع ۾ اچي ويهي رهيو."

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

# حاجت روائي

حضرتِ سيّدُنا انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته محمدِ مدني، رسولِ عربي صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو ته پنهنجي ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي حاجت روائي جي لاءِ هلي ٿو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي پنهنجي جاءِ تي واپس اچڻ تائين هر قدم تي ان جي لاءِ 70 نيڪيون لکي ٿو ۽ ان جا 70 گناهن کي مٽائي ڇڏي ٿو. پوءِ جيڪڏهن ان جي هٿان اها حاجت پوري ٿي وئي ته اهو پنهنجي گناهن کان ائين نڪري ويندو آهي جيئن ان ڏينهن هيو، جنهن ڏينهن ان جي ماءُ ان کي ڄڻيو هيو ۽ جيڪڏهن ان دؤران ان جو انتقال ٿي ويو ته بنا حساب جي **جنت** ۾ داخل ٿيندو." (الترغيب والترهيب، ڪتاب البر والصلة، باب الترغيب في قضاء حوائج المسلمين ...الخ ، حديث 13 ، ج 3 ص 264)

چُھپ چُھپ کے جہاں سے کہ اُنہیں دیکھ سکوں میں

جنّت میں مجھے ایسی جگہ پیارے خُدا دے

(مناجاتِ عطاریہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# مسلمانن جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ

حضرتِ سيّدُنا جعفر بن محمد پنهنجي ڏاڏي رضي تعاليٰ عنهم کان روايت ڪن ٿا ته شاهِ خوش خِصال، محبوبِ ربّ

**هن موضوع تي شيخ طريقت، امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي ڪيسيٽ بيان ''دل خوش کرنے کے فضائل'' ۽ ''مشکل کشائی کی فضیلت'' مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪري ٻُڌو، تمام گهڻو فائدو حاصل ٿيندو.** ان شآءَالله عزّوجلّ

ذوالجلال عزّوجلّ و صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم جن ارشاد فرمايو ته ''جيڪو شخص ڪنهن مؤمن جي دل ۾ خوشي داخل ڪندو آهي الله عزّوجلّ ان خوشيءَ مان هڪ فرشتو پيدا فرمائيندو آهي جيڪو الله عزّوجلّ جي عبادت ۽ توحيد ۾ مصروف رهندو آهي. جڏهن اهو ٻانهو پنهنجي قبر ۾ هليو ويندو آهي ته اهو فرشتو ان وٽ اچي پُڇندو آهي، ''ڇا تون مون کي نه ٿو سڃاڻي؟'' اهو چوندو آهي ته تون ڪير آهين؟'' ته اهو فرشتو چوندو آهي ته ''آءٌ اها خوشي آهيان جنهن کي تو فلاڻي جي دل ۾ داخل ڪئي هئي، اڄ آءٌ تنهنجي وحشت ۾ توکي فرحت پهچائيندس ۽ سوالن جي جواب ۾ ثابت قدم رکندس ۽ توکي قيامت جي ڏينهن جا منظر ڏيکاريندس ۽ تنهنجي لاءِ تنهنجي رب عزّوجلّ جي بارگاهه ۾ سفارش ڪندس ۽ توکي **جنت** ۾ تنهنجو ٺڪاڻو ڏيکاريندس.'' **(الترغيب والترهيب، ڪتاب البر والصلة ، باب الترغيب في قضاء حوائج المسلمين، حديث 23 ج 3 ص 266)**

www.dawateislami.net

شور اُٹھا یہ محشر میں خُلد میں گیا سگِ عطّار
گر نہ وہ بچاتے تو نار میں گیا ہوتا

صلوا علی الحبیب! صلی اللہ تعالٰی علٰی محمد

# ڪاوڙ نہ ڪرڻ

حضرتِ سيّدُنا ابو دَرۡدَاء رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ مون تاجدارِ رسالت، محبوبِ ربُّ الۡعزّت عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم کي عرض ڪيو، ”مون کي اهڙو عمل ٻُڌايو جيڪو مون کي **جنت** ۾ داخل ڪري ڇڏي.“ تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو، ”ڪاوڙ نہ ڪندا ڪريو توهان کي **جنت** حاصل ٿي ويندي.“ (المعجم الاوسط، باب الف، حديث 2353 ، ج 2 ص 20)

www.dawateislami.net

چاہو جسے فردوس میں جا دو چاہو جسے دوزخ میں بھیجو
جنّت و نار ہیں مِلک تمھاری ہو مختار رسول اللہ

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

صلوا علی الحبیب! صلی اللہ تعالٰی علٰی محمد

# ڪاوڙ پيئڻ

حضرتِ سيّدُنا سهل بن معاذ رضی اللہ تعالٰی عنہ پنهنجي پيءُ کان روايت ڪن ٿا نبي رَحۡمت، شَفِيع اُمَّت صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ ”جيڪو بدلو وٺڻ تي قادر هجڻ جي باوجود

ڪاوڙ پي وڃي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ماڻهن جي سامهون گهرائيندو ته جيئن ان کي اختيار ڏئي ته جنت جي حورن مان جنهن کي چاهي پسند ڪري."

(ابنِ ماجه، ڪتاب الزهد، باب الحلم، حديث 4186، ج 4 ص 462)

اُٹھا کر لے گئیں حُوریں جِناں میں
قدم پر اُن کے جِس نے جاں فدا کی

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

صلوا علی الحبيب! صلی الله تعالی علی محمد

# عفو و درگذر

www.dawateislami.net

حضرتِ سيّدُنا انس رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته حضور اڪرم ، نور مجسم صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو: "جڏهن ٻانهن کي حساب جي لاءِ بيهاريو ويندو ته هڪ قوم پنهنجي ڪنڌن تي تلوارون رکي ڪري ايندي ۽ جنّت جي دروازي تي اچي ڪري بيهي رهندي. پُڇيو ويندو. اهي ماڻهو ڪير آهن؟" جواب ملندو، "هي اهي شهيد آهن جيڪي زنده هئا ۽ انهن کي رزق ڏنو ويندو هو" پوءِ هڪ مُنادي ندا ڪندو ته "جنهن جو ثواب الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمي ڪرم تي آهي اهو بيهي رهي ۽ جنت ۾ داخل ٿي وڃي." پوءِ ٻيهر اها ئي ندا ڪئي ويندي." ويندڙن مان ڪنهن پڇيو، "اهي ڪير آهن جن جو ثواب الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمي ڪرم تي آهي؟" مدني آقا صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو ته "ماڻهن کي مُعاف ڪرڻ

وارا.” (پوءِ فرمايائون) “تئين پيري ۾ اها ئي ندا ڪئي ويندي ته جنهن جو ثواب الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمي ڪرم تي آهي اهو بيهي رهي ۽ **جنت** ۾ داخل ٿئي، پوءِ ايترا ايترا هزار ماڻهو بيهندا ۽ **جنت** ۾ بنا حساب جي داخل ٿيندا.”

**(المعجم الاوسط، باب الف، حديث 1998، ج 1 ص 542)**

فاتح بابِ شفاعت کے سبب حکم ملا
جائیں جنّت میں گدایانِ رسولِ عربی

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ آفتابِ قادريت ، اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليه** جن ذاتي مُعاملن ۾ عفو و درگذر ڪان ڪم وٺندا آهن ۽ تحديثِ نعمت جي لاءِ ارشاد فرمائن ٿا. “**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ آءُ پنهنجي اَندر انتقام جو جذبو نه ٿو ڏسان” ڪاش! اسان ڪان هروڀرو ڪاوڙ، جذبات، ۽ پنهنجي ذات جي خاطر بدلو وٺڻ جي خراب عادت نڪري وڃي.

ماهتابِ رضويت، اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليه** مدني انعام نمبر 28 ۾ فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان (گهر ۾ يا ٻاهر) ڪنهن تي ڪاوڙ اچڻ جي صورت ۾ چُپُ چاپ رهي ڪري ڪاوڙ جو علاج فرمايو يا ڳالهائي ويٺؤ؟ ۽ پڻ درگذر ڪان ڪم ورتو يا بدلو وٺڻ جو موقعو ڳوليندا رهيؤ؟

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

www.dawateislami.net

# ٽي مبارڪ خصلتون

حضرتِ سيّدُنا جابِر رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب مُنَزَّهُ عَنِ الْعُيُوب عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ "جنهن ۾ ٽي خصلتون هونديون الله عَزَّوَجَلَّ ان تي پنهنجي رحمت نازل فرمائيندو ۽ ان کي پنهنجي **جنت** ۾ داخل فرمائيندو، (1) ڪمزورن تي رحم ڪرڻ (2) پيءُ ماءُ تي شفقت ڪرڻ (3) حڪمرانن سان ڀلائي ڪرڻ."

**(الترغيب والترهيب، ڪتاب الادب، باب الترهيب في الرفق، حديث 10 ج 3 ص 279)**

حکم ہوگا کہ اُسے داخلِ جنّت کردو

جس کے دل میں ہے تمنائے رسولِ عربی

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# پرده پوشي

حضرتِ سيّدُنا عقبہ بن عامر رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ حضور سراپا نُور، شاهِ غيور صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ "جيڪو پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جي ڪنهن عيب کي ڏسي ۽ ان جي پرده پوشي ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ان پرده پوشي جي ڪري **جنت** ۾ داخل فرمائيندو."

**(المعجم الڪبير مسند عقبہ بن عامر، حديث 795 ، ج 17 ص 288)**

داخلِ خُلد کئے جائیں گے اہلِ عِصیاں

جوش پر آئیگی جب شانِ رسولِ عربی

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رضی اللہ تعالٰی عنہما کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، ”جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي پرده پوشي ڪندو الله عزوجل قيامت جي ڏينهن ان جي پرده پوشي فرمائيندو ۽ جيڪو پنهنجي ڀاءُ جا راز کوليندو الله عزوجل ان جو راز ظاهر ڪري ڇڏيندو ايتري تائين جو هو پنهنجي گهر ۾ خوار ٿي ويندو.“
(سنن ابنِ ماجہ، ڪتاب الحدود، باب الستر علي المؤمن، حديث 2546، ج 3 ص 219)

کیوں روکتے ہو خُلد سے مجھ کو ملائکہ
اچھا چلو تو شافعِ محشر کے سامنے
(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اي ڪاش! الله تبارڪ و تعاليٰ اسان جي عيبن تي پنهنجي ستّاريءَ جي چادر وجهي قيامت جي ڏينهن سڀني مخلوق جي سامهون اسان کي خواريءَ کان بچائي ۽ رُڳو پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پنهنجي جنّت ۾ داخل فرمائي. آمين بجاه النبي الامين صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم

عالِمِ شريعت، امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه اسان کي گناهن جي بيماريءَ ڇوٽڪارو ڏياري نيڪ بڻائڻ چاهن ٿا. جيئن تہ مدني انعام نمبر 42 : ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان ڪنهن مسلمان جي عيبن تي آگاهہ ٿيڻ تي ان جي پرده پوشي فرمائي يا (بنا شرعي مصلحت جي) ان جو عيب

ظاهر ڪري ڇڏيو؟ ۽ پڻ ڪنهن جي راز جي ڳالهه (ان جي اجازت کانسواءِ) ٻئي کي ٻُڌائي خيانت ته نه ڪئي؟

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** بن عَمرو رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته مني مصطفيٰ، سلطانِ انبياء، حبيبِ ڪبريا عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪنهن سان محبت ڪري ۽ ان کي ٻُڌائي ته مان توسان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت ڪريان ته اهي ٻئي **جنت** ۾ داخل ٿيندا پوءِ جيڪڏهن محبت ڪرڻ وارو وڏي مرتبي ۾ هوندو ته جنهن سان هو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت ڪندو هو ان کي ان سان ملايو ويندو."

(مجمع الزوائد، كتاب الزهد، باب المتحابين في الله، حديث 18015، ج 10 ، ص 496)

زہے قسمت اشارہ پاکے اُن کی چشمِ رحمت کا
غلاموں کو لُبھا کر لے چلی جنّت محمد کی

(قبالۂ بخشش از خلیفہ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## سلام عام ڪرڻ

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** بن عَمرو رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو ته: "رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪريو ۽ سلام کي عام

www.dawateislami.net

ڪريو ۽ ڪاڏو ڪارايو جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ.” (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان، كتاب البر والاحسان، باب افشاء السلام، حديث 489، ج 1 ص 356)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## گھر ۾ به سلام ڪرڻ

حضرتِ سيّدُنا ابو اُمامه بَاهِلِي رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا ته سرڪارِ والا تبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيع روزِ شمار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار،حبيبِ پروردگار عزّوجلّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو ته :“ٽي شخص اهڙا آهن جن مان هر هڪ الله عزّوجلّ جي ذمي ڪرم تي آهي، پهريون اهو شخص جيڪو الله عزّوجلّ جي راهه ۾ جهاد جي لاءِ نڪري، اهو مرڻ تائين الله عزّوجلّ جي ذمي ڪرم تي آهي جو اهو ان کي جنت ۾ داخل فرمائي يا اجر ۽ ثواب سان واپس موٽائي، ٻيون اهو شخص جيڪو مسجد ڏانهن وڃي اهو مرڻ تائين الله عزّوجلّ جي ذمي ڪرم تي آهي جو اهو ان کي جنت ۾ داخل فرمائي يا اجر ۽ ثواب سان واپس موٽائي، ۽ ٽيون اهو شخص جيڪو پنهنجي گھر ۾ سلام ڪندي داخل ٿئي اهو الله عزّوجلّ ذمي ڪرم تي آهي.”

(ابوداود، كتاب الجهاد، باب فضل الغزو في البحر الحديث2494 ج 3 ص 12)

پہلے ہی خدا حکم قیامت میں یہ دیگا
جنّت میں چلے جائیں گدایانِ محمد

(قبالۂ بخشش از خلیفہ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

www.dawateislami.net

سلامتي جي گهر يعني جنّت جا طلبگار اسلامي ڀائرو! مصنفِ فيضانِ سنّت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه سلام کي عام ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي مدني انعام نمبر 6 : ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان گهر، آفيس، بس، ٽرين وغيره ۾ ايندي ويندي ۽ گهٽين مان گذرندي رستي ۾ ويٺل يا ويٺل مسلمانن کي سلام ڪيو؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شيخ طريقت، امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي اصلاحي بيانن ۽ مدني مذاڪرن جي ڪيسيٽ وقتًا فوقتًا گهر ۾ ٻُڌندا ۽ ٻُڌائيندا رهو ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ مدني ماحول ٺهندو ويندو.

شيخ طريقت، امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جي لاءِ رسالو"**مان سڌرڻ چاهيان ٿو**"جي آخر ۾ پندرهن مدني گل عطا فرمايا آهن. انهن کي ٻُڌو ۽ انهن جي مطابق عمل ڪري گهر ۾ مدني ماحول بڻايو.

www.dawateislami.net

## "هر گهر ۾ مدني ماحول" جي پندرهن اکرن جي نسبت سان 15 مدني گل

﴿1﴾ گهر ۾ ايندي ويندي وڏي آواز سان سلام ڪرڻ.

﴿2﴾ پيءُ يا ماءُ کي ايندي ڏسي ادب خاطر بيهي رهو.

﴿3﴾ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو اسلامي ڀائر پيءُ جا ۽ اسلامي ڀينرون ماءُ جا هٿ ۽ پير چمندا رهن.

﴿4﴾ پيءُ ماءُ جي سامهون آواز کي ڍرو رکو، انهن سان اکيون ڪڏهن بہ نہ ملايو.
﴿5﴾ انهن جو حوالي ڪيل هر اهو ڪم جيڪو شريعت جي خلاف نہ هجي جلدي ڪري ونو.
﴿6﴾ ماءُ بلڪ گهر(۾ ٻاهر) جي هڪ ڏينهن جي ٻار کي بہ"توهان"چئي ڪري مخاطب ٿيو. (الحمدلله عَزَّوَجَلَّ بانيءِ دعوتِ اسلامي، شيخ شريعت و طريقت (دامت برڪاتهم العاليه) پنهنجي ٻارن سان ۽ ڏوهٽين يا مدني منّن سان بہ"توهان"چئي ڪري ئي گفتگو فرمائيندا آهن)
﴿7﴾ پنهنجي پاڙي واري مسجد ۾ سومهڻيءَ جي جماعت جي وقت ڪان ونئي ٻن ڪلاڪن جي اندر سمهندا ڪريو. ڪاش! تهجد ۾ اک کلي پوي نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ فجر جي نماز تہ آسانيءَ سان (مسجد جي پهرين صف ۾ باجماعت) ملي وڃي پوءِ ڪم ڪار ۾ بہ سُستي نہ ٿئي.
﴿8﴾ گهر ۾ جيڪڏهن نمازن جي سُستي، بي پردگي، فلمن، ڊرامن ۽ گانن باجن جو سلسلو هجي تہ هر هر نہ ٽوڪيو. سيني کي نرميءَ سان سنّتن ڀريي بيانن جون ڪيسيٽون ٻُڌايو ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ مدني نتيجا حاصل ٿيندا.
﴿9﴾ گهر ۾ ڪيتري ئي چڙٻ بلڪ مار ملي، صبر صبر ڪريو، جيڪڏهن توهان زبان هلائيندؤ تہ "**مدني ماحول**" ٺهڻ جي ڪا اميد ناهي بلڪ بگاڙ پيدا ٿي سگهي ٿو جو هرپرو سختي ڪرڻ سان ڪڏهن شيطان ماڻهن

www.dawateislami.net

ڪي ضدي بڻائي ڇڏيندو آهي. تنهن ڪري ڪاوڙ، ڇڙ ۽ دڙڪي ڏيڻ جي عادت بلڪل ختم ڪري ڇڏيو.

﴿10﴾ گهر ۾ روزانو فيضانِ سنّت (جلد پهريون تخريج شده) جو درس ضرور ڏيو يا ٻُڌو.

﴿11﴾ پنهنجي گهر وارن جي دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ دل سوزيءَ سان دعا ڀ ڪندا رهو جو دعا مؤمن جو هٿيار آهي.

﴿12﴾ ساهرن ۾ رهڻ واريون جتي گهر جو ذڪر آهي اتي ساهرن ۽ جتي پيءُ ماءُ جو ذڪر آهي اتي سس ۽ سهري سان سهڻوسلوڪ بجا آڻين جڏهن ته ڪا شرعي ممانعت نه هجي.

﴿13﴾ "مسائل القرآن" ص 290 تي آهي، هر نماز کان پوءِ هيٺ ڏنل دعا اول آخر درود شريف سان هڪ ڀيرو پڙهو، ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٻار ٻچا سنّتن جا پابند ٿيندا ۽ گهر ۾ مدني ماحول قائم ٿيندو.

(اَللّٰهُمَّ) رَبَّنَا هَبۡ لَنَا مِنۡ اَزۡوَاجِنَاوَذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعۡيُنٍ وَّاجۡعَلۡنَا لِلۡمُتَّقِيۡنَ اِمَامًا۝ (پ ١٩، الفرقان،آيت ٧٤)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي اسان جا ربّ! اسان کي ڏي اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان اکين جي ٿڌائي ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ بڻاءِ.

﴿14﴾ نافرمان ٻار يا وڏو جڏهن سُتل هجي ته ان جي سيرانديءَ کان بيهي هيٺ ڏنل آيتون رُڳو هڪ ڀيرو ايتري آواز سان پڙهو جو ان جي اک نه کلي. (مدو 11 کان 21 ڏينهن)

www.dawateislami.net

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط بَلۡ هُوَقُرۡاٰنٌ مَّجِيۡدٌo

فِيۡ لَوۡحٍ مَّحۡفُوۡظٍo (پ ٣٠،سورة البُرُوۡجُ،آيت ٢١،٢٢)

﴿15﴾ ۽ پڻ نافرمان اولاد کي فرمانبردار بڻائڻ جي لاءِ مُراد حاصل ٿيڻ تائين فجر جي نماز کان پوءِ آسمان ڏانهن منهن ڪري **يا شهيد** 21 ڀيرا پڙهو. (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف)

**مدني التجا** : نافرمانن کي فرمانبردار بڻائڻ جي لاءِ ۽ وِرد شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ سيّدُنا امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ 25 رپين جا ديني ڪتاب ورهايو.

www.dawateislami.net

میرے گھر والے سب پابندِ سُنّت

بنیں ایسا کرم ہو جانِ رحمت (صلی اللہ علیہ وسلم)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائيءَ کان منع ڪرڻ

حضرتِ سيّدُنا ابو ڪثير سُحيمي رضی اللہ تعالیٰ عنہ پنهنجي پيءُ کان روايت ڪن ٿا تہ مان حضرتِ سيّدُنا ابوذر غفاري رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان پُڇيو تہ مون کي اهڙو عمل ٻُڌايو جو ٻانهو ان کي ڪري تہ **جنت** ۾ داخل ٿي وڃي.“ انهن فرمايو،”جڏهن مون رسول الله عزوجل و صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ اهو ئي سوال ڪيو هو تہ پاڻ سڳورن صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جن فرمايو هو

تہ "اهو ڀانهو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ آخرت تي ايمان آڻي." مون عرض ڪيو، "يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ايمان سان ڪو عمل بہ ارشاد فرمايو." فرمايائون، "الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل رزق مان ڪجهہ نہ ڪجهہ صدقو ڪري." مون عرض ڪيو، يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جيڪڏهن اهو فقير هجي ۽ صدقي جي طاقت نہ رکندو هجي تہ ڇا ڪري؟ فرمايائون، "اهو نيڪيءَ جو حڪم ڏئي ۽ برائيءَ کان منع ڪري." مون عرض ڪيو، "يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جيڪڏهن اهو ڳالهائڻ ۾ اٽڪندو هجي، نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائيءَ کان منع ڪرڻ جي طاقت ڪيس نہ هجي تہ؟" فرمايائون تہ "جاهل کي علم سيکاري." مون عرض ڪيو، "جيڪڏهن اهو پاڻ جاهل هجي تہ؟" فرمايائون، "مظلوم جي مدد ڪري." مون عرض ڪيو ، "جيڪڏهن اهو ڪمزور هجي ۽ مظلوم جي مدد ڪرڻ تي قادر نہ هجي تہ؟" فرمايون تہ "توهان پنهنجي دوست ۾ جيڪا ڀلائي چاهيو ٿا اها هي آهي تہ ماڻهن کي ايذاءُ ڏيڻ ڇڏي ڏي." مون عرض ڪيو، "يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن هو اهو عمل ڪندو تہ **جنت** ۾ داخل ٿي ويندو؟" فرمايائون تہ "جيڪو مسلمان انهن عملن مان ڪو هڪ عمل بہ ڪندو تہ اهو عمل پاڻ ان جو هٿ پڪڙي ان کي جنّت ۾ داخل ڪندو." (الترغيب والترهيب، ڪتاب الحدود، باب الترغيب في الامر بالمعروف...الخ، حديث 20، ج 3 ص 162)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عامل قرآن و سنّت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه هر وقت زبان ۽ قلم جي ذريعي،

www.dawateislami.net

تدبير ۽ حڪمت، نرمي و شفقت، الفت ۽ محبت سان نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا ۽ بُرائيءَ کان منع ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن. جيئن ته مدني انعام نمبر 12 : ڇا اڄ توهان فيضانِ سنّت مان ٻه درس (مسجد، گهر، دڪان، بازار وغيره جتي سهولت هجي) ڏنا يا ٻُڌا؟

مدني انعام نمبر 23 : ڇا اڄ توهان دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن (مثال طور انفرادي ڪوشش، درس۽ بيان، مدرسة المدينہ بالغان وغيره) تي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪلاڪ ڏنا؟

مدني انعام نمبر 54 : ڇا توهان هن هفتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو علائقائي دؤرو براءِ نيڪيءَ جي دعوت ۾ شرڪت فرمائي؟

www.dawateislami.net

صفِ ماتم اُٹھے خالی ہو زنداں ٹوٹیں زنجیریں

گنہگارو چلو مولیٰ نے در کھولا ہے جنّت کا

(حدائقِ بخشش از امامِ اہلسنّت علیہ رحمۃ ربّ العزّت)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# نابينو ٿيڻ تي صبر

حضرتِ سيّدُنا انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا ته مون مڪّي مدني سلطان، رحمتِ عالميان صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم کي فرمائيندي ٻُڌو ته "الله عزّوجلّ فرمائي ٿو ته جڏهن مان پنهنجي ٻانهي کي اکين جي مُعاملي ۾ آزمايان پوءِ اهو صبر ڪري ته مان ان جي اکين جي عيوض ان کي **جنت** عطا فرمائيندس."

(صحيح البخاري، كتاب المرضىٰ، باب من ذهب بصره، حديث 5653، ج 4 ص 6)

هڪ روايت ۾ آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو تہ "جڏھن مان پنهنجي ٻانهي جون اکيون دنيا ۾ وٺان تہ **جنت** کان علاوه ڪا شيءِ ان جو بدلو نہ ڏيندو."

(الترغيب و الترهيب، كتاب الجنائز، باب الترهيب في الصبر ...الخ حديث 86، ص ج 4 ص 154)

هڪ روايت ۾ آهي تہ "مان جنهن جون اکيون وٺان پوءِ هو ان تي صبر ڪري ۽ ثواب جي اميد رکي تہ مان ان جي لاءِ **جنت** کانسواءِ ڪنهن ثواب تي راضي نہ ٿيندس."

(الترغيب و الترهيب، كتاب الجنائز، باب الترهيب في الصبر ...الخ حديث 87، ص ج 4 ص 154)

اے زہے رحمت سیہ کاران اُمت کے لیے
www.dawateislami.net
ہوگئی آراستہ جنّت رسول اللہ کی

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** تبليغ قرآن و سنّت عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جي 35 کان وڌيڪ شعبن مان هڪ شعبو "**گونگن ٻوڙن ۽ نابينن**" اسلامي ڀائرن ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ ۽ انهن کي دين جي ضروري احڪام کان روشناس ڪرائڻ جي لاءِ قائم ڪيو ويو آهي جيڪا مجلس "**خصوصي اسلامي ڀائر**" جي تحت آهي.

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سا وابستہ عام ۽ خاص (گونگا ٻوڙا ۽ نابينا) اسلامي ڀائر 30 ڏينهن جو

تربيتي ڪورس ڪري قوتِ گويائي ۽ سماعت کان محروم ماڻهن تائين نيڪيءَ جي دعوت پهچائڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. انهن جا مدني قافلا بہ هڪ شهر کان ٻئي شهر سفر ڪندا آهن . اچو مدني قافلي جي هڪ بهار ٻُڌو جنهن سفر ۾ خصوصي اسلامي ڀائر بہ شريڪ هئا. جيئن تہ

باب المدينہ ڪراچي 2007 ۾ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ وارن نابينا اسلامي ڀائرن جو هڪ مدني قافلو مطلوبہ مسجد تائين پهچڻ جي لاءِ بس ۾ سوار ٿيو. ان مدني قافلي ۾ ڪجهہ عام اسلامي ڀائر بہ شامل هئا. اميرِ قافلہ پرسان ويٺل شخص تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان جو نالو وغيره پڇيو تہ اهو چوڻ لڳو تہ "مان عيسائي مذهب سان تعلق رکان ٿو، مون مذهب اسلام جو مطالعو ڪيو آهي ۽ ان مذهب کان متاثر بہ آهيان، پر هن زماني ۾ مسلمانن جو بگڙيل ڪردار منهنجي اسلام قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ آهي. پر مان ڏسي رهيو آهيان تہ توهان ماڻهو هڪ جهڙي (اڇي) لباس ۾ ملبوس آهيو. بس ۾ چڙهڻ سان وڏي آواز سان سلام ڪيو ۽ حيرانگي تہ ان ڳالهہ جي آهي جو توهان سان گڏ نابيني شخص بہ مٿي تي سبز عمامو ۽ اچو لباس اختيار ڪيو آهي، انهن سيني جي چهرن تي ڏاڙهي بہ آهي."

ان جي گفتگو ٻُڌڻ کان پوءِ اميرِ قافلا ان کي مختصر طور تي "مجلس خصوصي اسلامي ڀائر" جي باري ۾ ٻُڌايو. پوءِ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي دينِ اسلام جي لاءِ ڪرڻ وارن عظيم خدمتن جو تذڪرو ڪيو ۽

www.dawateislami.net

**دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جو تعارف بہ ڪرايو. پوءِ ان ڪي چيو تہ "هي نابينا اسلامي ڀائر انهن دنيادار مسلمانن (جن کي ڏسي ڪري توهان اسلام قبول ڪرڻ کان لهرائيندا رهيا آهيو) جي اصلاح جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر تي روانا ٿيا آهن." اها ڳالهہ ٻُڌي ڪري هو ايڏو تہ متاثر ٿيو جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# مسلمانن کان تڪليف دور ڪرڻ

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالِڪ رضي الله تعالٰی عنه فرمائن ٿا تہ رستي ۾ پيل هڪ وڻ ماڻهن کي تڪليف ڏيندو هو. هڪ شخص ان کي ماڻهن جي رستي کان هٽائي ڇڏيو تہ مڪّي مدني سلطان، رحمتِ عالميان صلى الله تعالٰى عليه واله وسلم فرمايو تہ "مان ان کي **جنت** ۾ ان وڻ جي ڇانوَ ۾ ليٽيل ڏٺو آهي."

(مسند احمد بن حنبل، مسند انس بن مالڪ، حديث 12572، ج 4 ص 309)

جو داغِ عشقِ شہِ دیں ہیں دِل پہ کھائے ہوئے
وہ گویا خُلدِ بریں کی سَنَد ہیں پائے ہوئے

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰحضرت جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# حلال ڪمائڻ ۽ ثواب جي ڪم ۾ خرچ ڪرڻ

امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر بن خطاب رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ"دنيا مني ۽ سرسبز آهي، جنهن ان مان حلال طريقي سان ڪمايو ۽ ان کي ثواب واري ڪم ۾ خرچ ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ثواب عطا فرمائيندو ۽ پنهنجي **جنت** ۾ داخل فرمائيندو ۽ جنهن حرام طريقي سان ڪمايو ۽ ناحق خرچ ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ ذلت ۽ حقارت جي گهر کي حلال ڪري ڇڏيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي مال ۾ خيانت ڪرڻ وارن گهڻن ماڻهن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن جهنّم هوندي. الله عَزَّوَجَلَّ پندرهين سيپاري، سورة بني اسرائيل جي آيت 97 جي آخري حصي ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ سَعِيْرًا ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** جڏهن بہ وسامڻ لڳو تہ اسان ان کي اجان وڌيڪ ڀڙڪائينداسين.

(شعب الايمان، باب في قبض اليد عن الاموال المحرمة، حديث 5527، ج 4 ص 396)

بشارت ملے کاش! جنّت کی فوراً
قیامت کے دن جُوں ہی عطار آئے

(مغیلانِ مدینہ، از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

# قرض هجي تہ گهرڻ ۾ نرمي

امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عثمان بن عَفّان رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ مکّي مدني سلطان، رحمتِ عالميان صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "الله عَزَّوَجَلَّ خريد و فروخت، قرض ادا ڪرڻ ۽ قرض جو مطالبو ڪرڻ ۾ نرمي ڪرڻ واري هڪ شخص کي جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏيو."

(سنن النسائي، کتاب البيوع، باب حسن المعاملة والرفق، ج 7 ص 319)

الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جا اميدوار ۽ جنت جي بهار جا طلبگار اسلامي ڀائرو! ڀاڳ ٿين ڀلا جو اسان جو قرض هجي تہ گهرڻ ۾ نرمي ۽ ادائگي ۾ جلدي ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. عاشقِ اعليٰ حضرت، امير اهلسنّت حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت برکاتهم العاليه مدني انعام نمبر 41 ۾ ارشاد فرمائن ٿا: اڄ توهان قرض هجڻ جي صورت ۾ (طاقت جي باوجود) قرض ڏيندڙ جي اجازت کانسواءِ قرض جي ادائگيءَ ۾ دير تہ نہ ڪئي؟ ۽ پڻ ڪنهن کان اڌاري ورتل شيءِ ضرورت پوري ٿيڻ تي مقرر وقت جي اندر واپس ڪري ڇڏي؟

اللہ کی رحمت سے تو جنّت ہی ملے گی

اے کاش! محلّے میں جگہ اُن کے مِلی ہو

(ارمغانِ مدینہ، از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

# زنا کان بچڻ

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا تہ سروَرِ ڪونين، رحمتِ دارين، راحتِ قلبِ بي چين، ناناءِ حسنين صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم و رضی اللہ تعالیٰ عنہما جن ارشاد فرمايو، "اللہ عزوجل جنهن کي ٻنهي ڄاڙين جي وچ واري شيءِ (يعني زبان) ۽ ٻنهي ٽنگن جي وچ واري شيءِ (يعني شرمگاهہ) جي شَر کان بچائي اهو **جنت** ۾ داخل ٿيندو."

**(ترمذي، ڪتاب الزهد، باب حفظ اللسان، حديث 2417، ج 4 ص 184)**

هڪ روايت ۾ آهي تہ اي قريش جا جوانو! زنا نہ ڪريو چوتہ جنهن جي جواني بي داغ هوندي اهو **جنت** ۾ داخل ٿيندو.

www.dawateislami.net

**(الترغيب والترهيب، ڪتاب الحدود، باب من الزنا، حديث 41، ج 3 ص 194)**

کردے جنّت میں تُو جوار اُن کا
اپنے عطاؔر کو عطا یا ربّ (عزّوجلّ)

(مناجاتِ عطاریہ، از امیر اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# حبشي رڙيون ڪري روئڻ لڳو

حضرتِ سيّدُنا انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا تہ رحمتِ عالم، نورِ مجسم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم هيءَ آيت سڳوري تلاوت فرمائي،

وَقُوۡدُهَا النَّاسُ وَالۡحِجَارَةُ ج

ترجمو كنزالايمان: جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.

(پ ٢٨،سُورَةُالتَّحۡرِيم:٦)

ان کان پوءِ ارشاد فرمايائون تہ "جهنّم جي باھ کي هڪ هزار سال تائين ٻاريو ويو ايتري تائين جو اها ڳاڙهي ٿي وئي پوءِ هڪ هزار سال تائين ٻاريو ويو ايتري تائين جو اها اڇي ٿي وئي، پوءِ ان کي هڪ هزار سال تائين ٻاريو ويو تہ اها ڪاري ٿي وئي هاڻي جهنّم بلڪل ڪاري آهي هاڻي ان باھ جا شعلا نہ ٿا وسامن. اهو ٻُڌي ڪري پاڻ سڳورن صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جي سامهون هڪ حبشي رڙيون ڪري روئڻ لڳو تہ حضرتِ سيّدُنا جبرئيل امين عليه السلام نازل ٿيا ۽ عرض ڪيائون، "توهان صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جي سامهون روئڻ وارو شخص ڪير آهي؟" فرمايائون تہ "حبشہ جو هڪ شخص آهي." ۽ پوءِ ان شخص جي تعريف بيان فرمائي تہ جبرئيل عليه السلام عرض ڪيو، "الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو تہ مون کي پنهنجي عزّت ۽ جلال ۽ ارتفاع فوق العرش هجڻ جو قسم! منهنجي خوف جي ڪري جنهن ٻانهي جي اک روئندي، مان جنت ۾ ان جي کِلڻ ۾ واڌارو فرمائيندس."

(شعب الايمان، باب في الخوف من الله تعاليٰ، حديث 799، ج1 ص 489)

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کان هر وقت ڊڄندو رهڻ کپي. **الله تعاليٰ** بي نياز آهي جتي هو اعمالِ صالحہ مثال طور سلام کي عام ڪرڻ، اهل و عيال کيَ ڪارائڻ پيئارڻ، دين جو علم حاصل ڪرڻ، عبادتون بجا آڻڻ، جهيڙو چڏي ڏيڻ، حلال روزي ڪمائڻ، سنّتون اپنائڻ، باوضو رهڻ، **تحية الوضو ۽ تحية المسجد** ادا ڪرڻ، نفلي نماز روزي جي ڪثرت ڪرڻ، اذان ۽ اقامت چوڻ ۽ ان جو جواب ڏيڻ صف جي وٿيءَ کي پرڻ، ان جي رضا جي لاءِ مسجد ٺاهڻ، تهجد، اشراق،چاشت ۽ اوابين جي نماز ادا ڪرڻ، مريض جي عيادت، ڪنهن مصيبت ۾ ڦاٿل سان تعزيت ڪرڻ، جنازي جي نماز پڙهڻ، خشوع و خضوع سان پنج وقتہ نماز جماعت سان پڙهڻ، جمعي جي نماز ادا ڪرڻ، ڪلمہ طيبہ پڙهڻ، لاحول شريف جي ڪثرت ڪرڻ، ٻارن جي فوتگيءَ تي صبر ڪرڻ، زڪوٰة ڏيڻ، امانت موٽائڻ، شرمگاهہ، پيٽ ۽ زبان جي حفاظت ڪرڻ، ڪنهن کان ڪجهہ نہ گهرڻ، ڪنهن مسلمان کي لباس پارائڻ، کاڌو ڪارائڻ، صدقو ۽ قرض ڏيڻ، رمضان جي مهيني جا ۽ نفلي روزا رکڻ. راهِ خدا ۾ زخم سهڻ، قرآن پڙهڻ پڙهائڻ، ذڪر جي حلقن مثال طور سنّتن ڀرئي اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ، ذڪر ۽ اذڪار ڪرڻ، پيءُ ماءُ جي خدمت ۽ رشتيدارن سان

www.dawateislami.net

سهڻو سلوڪ ڪرڻ، نياڻين، پيـنرن ۽ محتاج ۽ يتيم جي ڪفالت ۽ پرورش ڪرڻ، الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ملاقات ۽ پنهنجي اسلامي ڀائرن جي حاجت روائي ۽ مشڪل ڪشائي ڪرڻ، مسلمانن جي دلين ۾ خوشي داخل ڪرڻ، چڱيون عادتون اپنائڻ، سچ ڳالهائڻ، واعدو پاڙڻ، نگاهون هيٺ رکڻ، ڪاوڙ پيئڻ، ماڻهن کي مُعاف ڪرڻ، ڪمزورن تي رحم ڪرڻ، ڪنهن جي عيبن تي آگاهه ٿيڻ تي پرده پوشي ڪرڻ، ان جا راز لِڪائڻ، الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت ڪرڻ، نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ، بُرائيءَ کان منع ڪرڻ، جاهل کي علم سيکارڻ، مظلوم جي مدد ڪرڻ، تڪليف پهچائڻ کان بچڻ، ماڻهن جي تڪليف دور ڪرڻ، خريد وفروخت ۽ قرض هجي ته گهرڻ ۾ نرمي ڪرڻ، زنا کان بچڻ وغيره تي پنهنجي رحمت سان **جنت** عطا فرمائيندو آهي، اتي گناهن جي ڪري **جنت** ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي به ڇڏيندو آهي. جيئن ته هڪ عبرت انگيز روايت ٻُڌو،

www.dawateislami.net

## ثواب کان محرومي

حضرتِ سيّدُنا عَدِي بن حاتِم رضی اللہ تعالٰی عنہ بيان ڪن ٿا ته نبي ڪريم، رؤف رحيم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: “قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان ڪجهه ماڻهن کي **جنت** ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڏنو ويندو، جڏهن اهي ماڻهو **جنت** جي ويجهو پهچي ويندا ۽ ان جي خوشبو کي سِنگهي وٺندا ۽ ان جي محلن ۽ جنّتين جي لاءِ جيڪي نعمتون تيار ڪيون ويون آهن انهن

کي ڏسندا تہ ندا ڪئي ويندي تہ انهن کي هٽايو، انهن جي لاءِ **جنت** ۾ ڪو حصو ناهي” اهي ايڏي حسرت سان **جنت** کان موٽندا جو اڳ ۾ اهڙي حسرت سان ڪير نہ موٽيو هو، اهي چوندا تہ اي اسان جا ربّ عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تون اسان کي **جنت** ۽ پنهنجي ثواب کي ڏيکارڻ ۽ تون پنهنجي دوستن لاءِ جيڪي نعمتون تيار ڪيون آهن، انهن کي ڏيکارڻ کان اڳ ۾ دوزخ ۾ داخل ڪرين ها تہ اهو اسان جي لاءِ تمام آسان ٿئي ها. **الله تعاليٰ** فرمائيندو. مون توهان سان اهو ئي ارادو ڪيو هو. جڏهن توهان اڪيلائيءَ ۾ هوندا هئا تہ منهنجي سامهون وڏا وڏا گناهہ ڪندا هئا ۽ جڏهن توهان ماڻهن سان ملندا هئا تہ انتهائي تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ سان ملندا هئا توهان ماڻهن کي ان جي ابتڙ ڏيکاريندا هئا، جيڪو توهان جي دلين ۾ منهنجي لاءِ خيال هيو. توهان ماڻهن کان ڊڄندا هئا ۽ مون کان نہ ڊڄندا هئا، توهان ماڻهن کي بزرگ سمجهندا هئا، مون کي وڏو نہ سمجهندا هئا. توهان ماڻهن جي خاطر خراب ڪم ڇڏيندا هئا منهنجي ڪري نہ ڇڏيا، اڄ مان توهان کي ثواب کان محروم ڪرڻ سان گڏوگڏ دردناڪ عذاب چکائيندس.

(مجمع الزائد،ڪتاب الزهد،ج 10 ص 377 حديث 17649)

اَلامَانُ وَالْحَفِيظ

www.dawateislami.net

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی
ہائے میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یا ربّ (عَزَّوَجَلَّ)
عفْو کر اور سدا کے لیے راضی ہوجا
گر کرم کردے تو جنّت میں رہوں گا یاربّ (عَزَّوَجَلَّ)
اِذن سے تیرے سرِ حشر کہیں کاش! حضور
ساتھ عطّار کو جنّت میں رکھوں گا یاربّ (عَزَّوَجَلَّ)

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

# ماخذ ومراجع


| | | | |
|---|---|---|---|
| ۱) | قران مجيد | كلامِ بارى تعالىٰ | ضياء القران پبلى كيشنز لاهور |
| ۲) | كَنْزُالْاِيْمَانِ فِىْ تَرجَمَةِالْقُرْاٰن | اعلیحضرت امام احمد رضا خان متوفّٰی ۱۳۴۰ھ | ضياء القران پبلى كيشنز لاهور |
| ۳) | خزائن العرفان | سيد نعيم الدين مراد آبادى متوفّٰی ۱۳۲۷ھ | ضياء القرآن كراچى |
| ۴) | صَحِيْحُ الْبُخَارِى | امام محمد بن اسماعيل بخارى متوفّٰی ۲۵۶ھ | دار الكتب العلمية بيروت |
| ۵) | صحيح مسلم | امام مسلم بن حجاج بن مسلم القشيرى متوفّٰی ۲۶۱ھ | دار ابن حزم بيروت |
| ۶) | سُنَنُ اَبِىْ دَاوُد | امام ابوداؤد سليمان بن اشعث متوفّٰی ۲۷۵ھ | دار احياء التراث العربى |
| ۷) | سُنَن الترمذى | امام ابوعيسیٰ محمد بن عيسیٰ الترمذى متوفّٰی ۲۸۹ھ | دار الفكر بيروت |
| ۸) | سنن نسائى | امام ابوعبدالرحمٰن احمد بن شعيب النسائى متوفّٰی ۳۰۳ھ | دار الكتب العلميه بيروت |
| ۹) | سُنَنُ ابنِ ماجة | امام ابوعبدالله محمد بن يزيد القزوينى متوفّٰی ۲۷۳ھ | دار الفكر بيروت |
| ۱۰) | صحيح ابن حبان | الحافظ محمد بن حبان متوفّٰی ۳۵۴ھ | دار الكتب العلمية بيروت |
| ۱۱) | المستدرك عَلى الصَّحِيْحَيْن | امام ابوعبدالله محمد بن عبدالله نيشاپورى متوفّٰی ۴۰۵ھ | دار المعرفه بيروت |
| ۱۲) | اَلْمُعْجَمُ الْكَبِيْر | امام سليمان بن احمد طبرانى متوفّٰی ۳۶۰ھ | دار احياء التراث العربى |
| ۱۳) | اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسَط | امام سليمان بن احمد طبرانى متوفّٰی ۳۶۰ھ | دار الكتب العلمية بيروت |
| ۱۴) | فِرْدَوْسُ الْاَخْبَار | حافظ شيرويه بن شهردار ديلمى متوفّٰی ۵۰۹ھ | دار الفكر بيروت |
| ۱۵) | مَجْمَعُ الزَّوَائِد | حافظ نور الدين على بن ابوبكر هيثمى متوفّٰی ۸۰۷ھ | دار الفكر بيروت |
| ۱۶) | شُعَبُ الْاِيْمَان | امام احمد بن حسين بيهقى متوفّٰی ۴۵۸ھ | دار الكتب العلمية بيروت |
| ۱۷) | اَلْمُسْنَدُ لِلْاِمَامِ اَحْمَد بْنِ حنبل | امام احمد بن حنبل متوفّٰی ۲۴۱ھ | دار الفكر بيروت |
| ۱۸) | ابن خزيمة | امام ابوبكر محمد بن اسحاق متوفّٰی ۳۱۱ھ | المكتب الاسلامى بيروت |
| ۱۹) | الترغيب والترهيب | امام عبدالعظيم بن عبدالقوى متوفّٰی ۶۵۶ھ | دار الفكر بيروت |
| ۲۰) | الشفاء | قاضى ابوالفضل عياض متوفّٰی ۵۴۴ھ | ملتان |
| ۲۱) | عيون الحكايات | عبدالرحمٰن بن الجوزى متوفّٰی ۵۹۷ھ | دار الكتب العلميه بيروت |
| ۲۲) | منهاج العابدين | امام الغزالى متوفّٰی ۵۰۵ھ | دار الكتب العلميه بيروت |
| ۲۳) | مكاشفة القلوب | امام الغزالى متوفّٰی ۵۰۵ھ | دار الكتب العلميه بيروت |
| ۲۴) | تنبيه الغافلين | امام المواهب عبدالمواهب متوفّٰی ۹۷۳ھ | دار الفكر بيروت |
| ۲۵) | حدائقِ بخشش | اعلیحضرت امام احمد رضا خان متوفّٰی ۱۳۴۰ھ | مكتبة المدينه كراچى |
| ۲۶) | ذوقِ نعت | مولانا حسن رضا خان متوفّٰی ۱۳۴۰ھ | كراچى |
| ۲۷) | قبالۂ بخشش | خليفهٔ اعلحضرت جميل الرحمٰن | كراچى |
| ۲۸) | مكتوبِ امير اهلسنّت | علّامه مولانا محمد الياس عطار قادرى | مكتبة المدينه كراچى |
| ۲۹) | ارمغانِ مدينه | علّامه مولانا محمد الياس عطار قادرى | مكتبة المدينه كراچى |
| ۳۰) | مناجاتِ عطاريه | علّامه مولانا محمد الياس عطار قادرى | مكتبة المدينه كراچى |
| ۳۱) | مغيلانِ مدينه | علّامه مولانا محمد الياس عطار قادرى | مكتبة المدينه كراچى |


www.dawateislami.net

# فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | جهيڙو ڇڏڻ | 38 |
| ادنيٰ جنتي | 2 | حلال ڪائڻ ۽ سنت اپنائڻ | 40 |
| جنت جا درجا | 3 | وضو | 41 |
| جنت جي دعا | 4 | | |
| شانِ صديقي رضي الله تعالیٰ عنه | 4 | مدني قافلي تي آقا ﷺ جي ڪرم نوازي | 42 |
| جنتي حورون | 5 | وضو ڪان پوءِ جي دعا | 45 |
| جنت جو حورون ڪهڙيون هونديون؟ | 6 | تحية الوضو | 46 |
| حور جو مهر | 8 | اذان ۽ اقامت | 48 |
| جنت جون نهرون | 8 | اذان جو جواب | 48 |
| جنتين جو کاڌو پيتو | 10 | صف جي درستگي | 49 |
| جنتين جو لباس | 11 | الله جي رضا لاءِ مسجد ٺاهڻ | 50 |
| جنت جو بازار ۽ ديدارِ ربّ غفّار | 12 | | |
| آهہ! ڪير غور ڪري؟ | 18 | سلام کي عام ڪرڻ، کاڌو ڪارائڻ | 51 |
| جنت ايمان وارن جي لاءِ آهي | 19 | تهجد جي نماز | 52 |
| جنت وارا ئي ڪامياب آهن | 20 | چاشت جي نماز | 53 |
| جنت قلبِ سليم وارن جي لاءِ آهي | 20 | پنج عمل | 54 |
| موتين جو محل | 21 | ڪلمہ طيبہ | 54 |
| جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل | 22 | جنازي جي نماز | 55 |
| خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ | 22 | جنّتي جو جنازو | 55 |
| عشقِ رسول صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم | 23 | تعزيت | 56 |
| علمِ دين | 26 | ٽن ٻارن جو انتقال | 56 |
| اميرِ اهلسنّت جون برڪتون | 27 | ڪچو ٻار | 57 |
| جيڪڏهن توهان نيڪ ٻڻجڻ چاهيو ٿا | 31 | الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ ۽ حسنِ اخلاق | 61 |
| روزانو فڪرِ مدينہ ڪرڻ جو انعام | 33 | ڇهن شين جي ضمانت | 61 |
| علمِ دين جي جستجو | 36 | پيٽ جو قفلِ مدينہ وغيره | 62 |


www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| تلهو مچر | 63 |
| متاري بدن جون آفتون | 64 |
| پيٽوتي گناهن جي پرمار | 65 |
| هلڪي بدن جي فضيلت | 66 |
| مرد ۽ عورت جو وزن ڪيترو هئڻ گهرجي | 66 |
| ڪنهن ڪان ڪجهه نه گهرڻ | 66 |
| مسلمان سان ڀلائي | 68 |
| صدقو ۽ قرض | 68 |
| روزو | 69 |
| ڪلمو، روزو ۽ صدقو | 70 |
| رمضان جي راتين ۾ نماز | 71 |
| حج ۽ عمري جي سفر ۾ فوتگي | 71 |
| راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جو مسافر | 72 |
| ماءُ ڪٽ ڪان اٿي بيهي رهي! | 74 |
| قرآن شريف پڙهڻ وارو | 75 |
| ذڪر الله عَزَّوَجَلَّ جا حلقا | 77 |
| رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جا ڪلما | 79 |
| لاحول شريف جي ڪثرت | 79 |
| درود شريف | 80 |
| پيءُ ماءُ جي خدمت | 81 |
| صلہ رحمي | 83 |
| ڀينرن ۽ ڌيئرن جي پرورش | 84 |
| يتيم جي ڪفالت | 85 |
| مريض جي عيادت | 86 |
| الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ملاقات | 87 |
| ڊرائيور تي انفرادي ڪوشش | 89 |
| حاجت روائي | 90 |
| مسلمانن جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ | 90 |
| ڪاوڙ نہ ڪرڻ | 91 |
| ڪاوڙ پيئڻ | 92 |
| عفو و درگذر | 93 |
| ٽي مبارڪ خصلتون | 94 |
| پرده پوشي | 95 |
| الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت | 96 |
| سلام عام ڪرڻ | 97 |
| گهر ۾ بہ سلام ڪرڻ | 97 |
| گهر ۾ مدني ماحول بنائڻ جا 15 مدني گل | 99 |
| نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائيءَ ڪان منع ڪرڻ | 102 |
| نابينو ٿيڻ تي صبر | 104 |
| مسلمانن ڪان تڪليف دور ڪرڻ | 106 |
| حلال ڪمائڻ ۽ ثواب جي ڪم ۾ خرچ ڪرڻ | 107 |
| قرض هجي تہ گهرڻ ۾ نرمي ڪرڻ | 108 |
| زنا ڪان بچڻ | 109 |
| حبشي رڙيون ڪري روئڻ لڳو | 110 |
| الله عَزَّوَجَلَّ خفيہ تدبير | 111 |
| ثواب ڪان محرومي | 113 |
| ماخذ و مراجع | 115 |


www.dawateislami.net

# هي رسالو پڙهي ڪري ٻئي ڪي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبۃ المدينہ جي شايع ڪيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفلٽ تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪ کي بہ ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار فروشن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي محلي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفلٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو .

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

## مڪتبۃ المدينہ جون مختلف شاخون

عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي

شهيد مسجد کارادر ڪراچي

آفندي ٽاؤن حيدرآباد

امين پور بازار سردارآباد(فيصل آباد)

دربار مارڪيٽ گنج بخش روڊ لاهور

اندروني بوهڙ گيٽ ملتان

اصغر مال روڊ نزد عيدگاه راولپنڊي

چوڪ شهيدان ميرپور آزاد ڪشمير

فيضانِ مدينہ بيراج روڊ سکر

بندر روڊ فاروق نگر(لاڙڪاڻو)

العطار ٽاؤن ميرپور خاص

چڪرا بازار نواب شاهہ

فيضان مدينہ نزد مڇي مارڪيٽ دادو

www.dawateislami.net